مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان-٦

# سورٺ - راءِ ڏياچ ۽ هير - رانجهو



لوڪ ادب سلسلي جو انيهون ڪتاب

مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان -٦

# سورٺ - راءِ ڏياچ

۽

# هير - رانجهو

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
١٩٧٦ع

چاپو پهريون]             سال ١٩٧٦ع             ١٠٠٠]

سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**قيمت: ١٠-٠٠ رپيا**

ملڻ جي ائڊريس:

سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس

پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب اعجاز محمد صديقي مئنيجر سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۾ ڇاپيو ۽ غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد مان شايع ڪيو.

١٩٥٩ء کان شروع ڪيو ويو. هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻولي جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي "لوڪ ادب" جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهي ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون ٻڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، تيهه اکريون، ڪافيون وغيره؛ مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙي ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي ٻڻ "لوڪ ادب" جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل "لوڪ ادب" کي بعينه، "فوڪ لور" (Folk lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها عام ملڪي تمدن جو يا "معياري ادب" جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگي جو مرڪزي دائرو اڃان تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهي ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگي جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻولي جي "لوڪ ادب" ۽ "معياري ادب" جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي "لوڪ ادب" جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي؛ ان سهيڙڻ لاءِ وڏي ڪشالي ۽ ڪاني ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ چڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ٿوري وقت اندر ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه، گڏ ٿي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ته آئنده ڪوششن لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

"لوڪ ادب تجويز" جيتوڻيڪ بنده جي طرفان پيش ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته "سنڌي ادبي بورڊ" جي ميمبرن کي جس جڳائي جن هن تجويز کــي سنه ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي پاڻهن پيلي ٿي بيٺا. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي با همت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

هيءُ ڪتاب "لوڪ ادب" سلسلي جو اڏهيهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد ڊسمبر ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو. سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي پيڙي ترتيب ڏني، جون ١٩٦٥ع ۾ ڪتاب جــو ابتدائي مسودو تيار ڪيو ويو، ۽ فيبروري ١٩٦٧ع ۾ مسودي جي آخرين تصحيح ڪري، پريس ڪاپي تيار ڪئي وئي.

هيءُ ڪتاب هن کان گهڻو اڳ تيار ٿي ڇپجي وڃي ها، مگر بدقسمتي سان لوڪ ادب جي تجويز کي بند ڪيو ويو ۽ هن ڪتاب جي اشاعت پڻ روڪجي وئي. ٢٥ - اپريل ١٩٦٨ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جناب مخدوم محمد زمــان صاحب "طالب المولي" جي سفارش تي، سنڌي ادبي بورڊ وري لوڪ ادب جي تجويز کي پايهٔ تڪميل تي پهچائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ها ذميواري بنده کي سونپي. جون ١٩٦٨ع کان ڪم شروع ڪيو ويو، پر ڇهن مهنن بعد وري بورڊ طرفان ڪم بند ڪرڻ جو اطلاع مليو. وري ١٨ - جون ١٩٦٩ع تي بورڊ، لوڪ ادب جي تجويز عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جناب مخدوم صاحب جن کان خط پهتو ته

## عنوانن جي فهرست

### پاڱو پهريون : سورٺ - راءِ ڏياچ


● سورٺ - راءِ ڏياچ جي سنڌ واري ڳالهه جا تفصيلي ٽاٽا ۳

روايت [۱] راءِ ڏياچ جو راڳ تي ريجهي بيجل کي
سخا ۾ سر ڏيڻ واري ڳالهه ۲۳

- ميين شاه عنات ۽ شاه عبداللطيف جي بيتن مان اهڃاڻ ۲۶
- خليفي نبي بخش صاحب جي بيتن مان اهڃاڻ ۳۰
- مل محمود ٻلي جي بيتن مان اهڃاڻ ۳۵
- اسيد علي لغاري جي بيتن مان اهڃاڻ ۳۹

روايت [۲] ابوبڪر جي چيل بيتن مطابق انيراه ۽ راءِ ڪنگهار
جي لڙائي واري ڳالهه ۴۳

- ابوبڪر جا چيل بيت ۵۶

روايت [۳] سورٺ جي سڱ تان انيراه جي راءِ ڏياچ مان
جنگ ۽ چارڻ کي چوري سندس سر وڍڻ واري ڳالهه ۷۷

- سگهڙ ڏٿي بخش ڏونڪالي جي پڌايل ڳالهه ۷۷
- نا معلوم شاعر جا جهونا ڏوها ۸۴
- غلام حيدر تيرهيي جا چيل بيت ۸۶
- محمود شيخ جا چيل بيت ۹۰
- الهڏني ماڇي جا چيل بيت ۹۷

روايت [۴] بيجل ، راءِ ڏياچ جو پاٽيجو هجڻ ، نجومي جي
پيشنگوئي سببان ڪيس جهنگ حوالي ڪرڻ ۽ پوءِ انيراءِ
جي اشاري تي راءِ ڪنگهار جي سر وڍڻ واري ڳالهه ۱۰۴

- منشي آڏارام جي ترتيب ڏنل ڳالهه ١٠٣
- ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل ڳالهه ١١٥
- تعلقي گوني مان مليل ڳالهه ١١٩

روايت [٥] ڀيجل جو سورٺ تي عاشق ٿيڻ، ڪيس ڏيهه نيڪالي ملڻ ۽ انيراءِ مان ملي راءِ ڏياچ جي سر وڍڻ واري ڳالهه ١٢٣

- سکهڙ محمد يعقوب ڀرڙي جي ٻڌايل ڳالهه ١٢٣

روايت [٦] سکهڙ قل بجير جي ٻڌايل ڳاهن ۽ بيتن مان ڳالهه ١٢٨

ضميمو – ١ : ٿرپارڪر طرف جو راڻڪ ديوي ۽ راءِ ڪنگهار وارو قصو ١٣١

- تعلقي ننگر پارڪر مان مليل ڳالهه ١٣٢
- ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل ڳالهه ١٤١

ضميمو – ٢ - ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف جو قصو ١٤٥

## پاڃو ڀڱو : هير - رانجهو

- هير رانجهي جو سنڌ ۾ هلندڙ قصو ١٥١

روايت [١] فقير مولابخش ميراثي جي ٻڌايل ڳالهه ١٥٢

روايت [٢] سچل جي ڪلام مان هير رانجهي جي داستان بابت بيت ١٧٧

روايت [٣] سيد حيدر شاهه جي بيتن ۾ چيل ڳالهه ١٨١

روايت [٤] سکهڙ شير محمد لغاري جي بيت تان ترتيب ڏنل ڳالهه ٢٢٢

باسمه تعاليٰ

اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَا تَمَنّٰىO فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰىO

# مقدمو

هن ڪتاب ۾ ٻه قصا شامل آهن، جيڪي سنڌ جي ٻن پاڙيسري خطن ۾ آسريا، پر سنڌ ۾ عام مشهور ٿيا. ”سورٺ ۽ راءِ ڏياچ“ جي قصي جو شروعاتي مرڪز ڪانياواڙ جو مشهور شهر ”جهونا ڳڙه“ آهي، جيڪو اُن وقت ’چوڙن سمن‘ جي حڪمراني هيٺ هو. اتر طرفان ان سان لاڳو علائقا هالار، جهالار ۽ ڪڇ، پوءِ جاڙيجن سمن جي اثر هيٺ رهيا. غالباً سمن راڄن جي انهيءَ سماجي سلسلي سان، ”سورٺ - راءِ ڏياچ“ جو قصو سنڌ ۾ رائج ٿيو، ۽ خاص طرح سمن حاڪمن جي دور (١٣٣٩ - ١٥٢٠ع) ۾ هن قصي کي ڀٽن ۽ چارڻن، منگتن ۽ مڱڻهارن ڳائي مشهور ڪيو.

ٻئي قصي ”هير - رانجهي“ جو شروعاتي مرڪز ”جهنگ - سيال“ (سيالن جو شهر جهنگ) آهي، جيڪو هن وقت پنجاب جي ضلعي جهنگ جو مکيه شهر آهي. سنڌ جي سرحد ويندي اوڻيهين صدي تائين ديري غازي خان کان اتر طرف تائين هئي، جتان جهنگ جو ملڪ ويجهو پاڙيسري هو. سنڌوندي جي پاڻي واري شاهراه سان سنڌ ۽ جهنگ جي وچ ۾ اچ وڃ توڙي سرائڪي ٻولي جي مشترڪ سلسلي سببان ”هير-رانجهي“ جو داستان سنڌ ۾ مقبول پيو ۽ ١٨- صدي کان وٺي وڏيڪ مشهور ٿيو.

- سورٺ 'امبل - ديس جي راجا ٻوڳ جي ڌيءَ هئي ، جيڪو ذات جو پرمار هو . سورٺ کي رتن ڪنيار پالي وڏو ڪيو ؛ هوءَ راجا انيراء رائوڙ سان مڱي، پر سندس شادي راءِ کنگهار سان ٿي :

سورٺ امبل - ديس ڪي، ذات وڏي پرمار
ٻيٽي راجا ٻوڳ ڪي، پالي رتن ڪنيار
مڱ انيراء رائوڙڪي، پرڻي راءِ کنگهار(١).

ڪن سگهڙن وٽ هن ساڳئي بيت ۾ 'راجا ٻوڳ' جي بدران 'راجا نند' جو نالو آهي . انهن روايتن ۾ پڻ آهي ، ڇاڪاڻ ته سومل جي پيءُ جو نالو ' راجا نند ' هو. پر ته ' ٻوڳ ' بدران اصل نالو 'ٻوج' آهي، جيئن هيٺين بيتن ۾ آهي.

سورٺ 'سنگلديپ' جي راجا 'ٻوج' جي ڌيءَ هئي، جيڪو ذات جو پرمار هو ، ۽ کيس 'رتن يا 'پل' نالي ڪنيار پالي وڏو ڪيو :

سورٺ سنگلديپ ڪي ، ذات ٻلي پرمار
ٻيٽي راجا 'ٻوج' ڪي، راکي رتن ڪنيار
آنڪـي انيـراوَ ، ٻوڳـي راوَ کنگهار.

---

سوررٺ سنگلديپ ڪي ، پالي پل ڪنيار
منگيتي انيراو ري ، مائي راوَ کنگهار.(٢)

ٻين روايتن ۾ سورٺ جي جنم ۽ نيپڻي بابت ڪي وڌيڪ اهڃاڻ

---

(١) روايت مرحوم محمد يعقوب پرڙو ، ويٺل ميرپور پرڙو ، تعلقو ٺل.
(٢) هيءَ روايت ڳوٺ گلو پتافي ، تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ شاعر سگهڙ غمدار مهر کان ملي

پيئي راجا پوچ ڪي، سا تاري سمنڊين پار
انگ ازل ڪان لکيو، پالي رتن ڪنيار
مگ انيراء جي، پرٽيو راء ڪنگهار (١).

پيچل ۽ سندس ساز ۽ سوال: پيچل کي چارڻ، پٽ، پارت، پاڻ، منگتي ۽ مگڻهار جـي نالن سان پڻ سڏيو ويو آهي؛ ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي لحاظ سان ڪيس عطائي، راڳائي، جاجڪ، تنبير يا تنبيري، پاٺ، گن-گويو ۽ قوال ڪوٺيو ويو آهي. اڪثر روايتن مطابق پيچل چارڻ هو. سندس ساز بابت پڪو اهڃاڻ اهوئي آهي ته اهو هڪ تندن وارو ساز هـو، ۽ جدا جدا بيانن ۾ ان کي ڪينرو، ڪماچ، رباب، چنگ، سروز ۽ سرندو پڻ سڏيو ويو آهي:

چارڻ 'چنگ' ڪلهي ڪري هليو هٿائين
(شاه جو رسالو)

جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾ آيو سازڪٺي 'سرندو'
(شاه جو رسالو)

تند 'تنبيري' تـن ۾، راجا ڪـي رهي
(شاه شريف بن شاه عنات)

جنن ڪنوء راڳ 'رباب' سين، هنيين منجههرين
(شاه عنات)

تنهن ڪامل ڪري 'ڪينرو' ديهي وڄايو
(شاه جو رسالو)

ستي لوڪ 'سروز' کي تنهن ويهي وڄايو
(خليفو نبي بخش)

ڏوم مڇائي ڏڄ، قاسم تند 'ڪماچ' جي
(خليفو نبي بخش)

---

(١) اها روايت اسان کي مگهڻ الهداد خان چسڪاڻي جي زباني ملي.

پڻ ساڻس محبت هئي. بالآخر سورٺ سان ڪيل وعدي مطابق بينجهو نه آيو، جنهن ڪري سورٺ وچي 'هيماچل' (برف واري پاڻي) ۾ ٻيڻي ۽ اتي اڌ ڳري وئي جو بينجهو آيو. انهي ڳالهه، بابت تي سؤ سٺ کن دوها آهن، جن جي ٻولي جيسلمير طرف جي آهي. مثلاً

بينجهي آڏو بينجهڙي، سورٺ آڏي پينت
پينتان را پر جا نه رهان، سارا پالاڻ ري ريت.

---

سورٺ تانان اوڙ ڪان، جاجهئي جهولر مانه(۱)
جاڻ چمڪي بيجڙي، ڳجڙء بادل مانه (۲)

---

سورٺ پيٺي سکديو ري، جوياڻي او جات
سؤ راتين چاندنيين، ڏينهن نه پڇي رات.

---

اي بينجها پت نٽڌل ڪا، تم نت آوت نت جات
پڳ تمهارا پٿون ٿيا، تم ڪهو من ڪي بات.

---

ڪهتو ڪهتو ڪهي نه سڳهان، ڪهان ته لاج مران
اڳڻ تمهاري ري بيلڙي، نوڙو توسين چران.

'سورٺ ۽ بينجهي' واري ڳالهه، ڪان سواء جيسلمير طرف 'سورٺ ۽ راء ڏياچ جو قصو' پڻ مشهور رهيو آهي. مثلاً شاعر سلام فقير مهر (پاڙو جيندا مهر، ويٺل پانڌو، تعلقو ڪوهيارو، ضلعو جيسلمير) جنهن سٺ سال کن اڳ وفات ڪئي تنهن 'سورٺ ۽ راء ڏياچ' بابت هيٺيان بيت چيا :

---

(۱) اوڙ ڪان = سچاڻان ـ ڏسان (۲) جاڻ=جڙ. ڳجڙء= ڳهاڙي.

ڀڳـــي رات رنبـــا کي ڇڪايو ڀاتـــل
ويهي وڃاياٽين سرندو ڪاهڻي قدرتي ڪل
ٿي اميرن اهل، ڪو جو سؤنچو شهر ۾.

---

ٻي رات راوَ کي ڀڻ ڀولايو ڀيجل
سر ڏيٺي سرهو ٿـــيءُ هاڻي هن مهل
ستان پلينئي ڀل، ڪرين سانگو سر جو.

---

تان اتي ٽيءِ رات کي ڀڻ چارڻ ڪئي چانگار
ڳيڙس وڙس ڪانڪا، ڪا جا تند توار
چئي: ميان مڱڻهار، تو کي صبح ڪندس سنرو.

---

چئي: چوٿين رات جو سر جي دعوىٰ ست
نو لـک ناڻو تـو ڏيان مور نہ ڏيان گهٽ
چارڻ لهي وڃ هٽ، ڇڏ سانگو سر جو.

رائڪ ديـوي ۽ راءِ کنگهار واري ڳالهہ. ڪتاب جـي

---

ضميمي -۱ هيٺ هن ڳالهہ جون ٻہ روايتون ( الف ) ۽ ( ب ) ڏنيون ويون آهن. هيءَ ٻہ هڪ جداگانہ ڳالهہ آهي، جنهن جو 'سورٺ ۽ راءِ ڏياچ' جي قصي سان ڪو تعلق ڪونهي، پر ان ۾ 'راءِ کنگهارُ' جو ساڳيو نالو آيل آهي.

ڪاٺياواڙ- گجرات طرف جو 'سورٺ ۽ راءِ دياس' وارو قصو.

---

هن قصي کي ڪتاب جي ضميمي- ۲ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هيءَ ٻہ هڪ جدا ڳالهہ آهي جنهن جو 'سورٺ ۽ راءِ ڏياچ' واري قصي سان ڪو تعلق ڪونهي، جيتوڻيڪ "سورٺ ۽ راءِ دياس" جي نالن سان هڪ جهڙائي جو گمان نڪري ٿو.

١. شيوڪ رام ”عطارد“ ٺٽوي، ١١٨٥-١١٩٠ ھ (١٧٧١-١٧٧٦ع) واري عرصي ۾ ” محبت نامي “ جي عنوان سان نثر مسجع ۾ هن قصي کي ورجايو.

٢. عظيم الدين ” عظيم “ ٺٽوي، سنه ١٢١٣ھ (١٧٩٩ع) ۾ ”مثنوي هير و رانجها“ منظوم ڪئي.

٣. مير ٺاري خان جي درباري شاعر ضياءُالدين ” ضيا “ ٺٽوي، سنه ١٢١٥ ھ ( ١٨٥٠ع ) ۾ ” مثنوي هير و رانجها “ منظوم ڪئي.

٤. منشي صاحب راءِ موهن داس ملڪاڻي ” آزاد “ ١٢١٦-١٢٢٦ھ (١٨٠١-١٨١١ع) وارن سالن ۾ ” مثنوي هير و رانجها“ لکي.

٥. نواب ولي محمد خان لغاري ” ولي “، ١٢٢٦-١٢٣٧ھ (١٨١١-١٨٢٠ع) واري عرصي ۾ مثنوي ”هير و رانجها“ لکي.

٦. فقير قادر بخش ” بيدل “ سنه ١٢٩٣ھ ( ١٨٧٦ع ) ۾ هن داستان کي هڪ ڊگهي ”قطعه“ ۾ منظوم ڪيو.

منشي شيوڪ رام جي ”محبت نامي“ کان سواءِ مٿيون ٽيئي مثنويون ۽ بيدل سائين جو ”قطعه“، سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل (١٩٥٧ع) ”ڪتاب مثنويات هير و رانجها“ ۾ ڇپجي چڪا آهن. انهي ڪتاب جي ايڊيٽر مرحوم حفيظ هوشيارپوري پنهنجي عالمانہ ”مقدمي“ ۾ ”هير رانجهي جي داستان“ ۽ ان بابت فارسي، اردو، پنجابي ۽ ٻين ٻولين ۾ لکيل ڪتابن تي تفصيل سان روشني وڌي آهي.

خود هير جي پنهنجي زبان ”جهنگ - والي سرائڪي“ هئي، جنهن ۾ هن داستان بابت ٿورا گهڻا بيت گهڻن ئي شاعرن چيا آهن، پر انهن مان ٻين سنڌ جي ٻــن شاعرن، خليفي نبــي بخش

صاحب ۽ حمل خان لغاري جون ڀيل مي - حرفيون شاهڪار جي حيثيت رکن ٿيون . پر جيئن ته اهي هن ڪان اڳ "ڪليات حمل" ۽ "خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي" ۾ ڇپجي چڪيون آهن، انهي ڪري هن ڪتاب ۾ شامل نه ڪيون ويون آهن. سنڌي ۾ سيد حيدر شاهه سنه ١٢٩٠هه (١٨٧٣ع) ۾ هن داستان کي بيتن ۾ ڳايو، جيڪي زبان ۽ بيان جي لحاظ سان معياري حيثيت رکن ٿا . وڏي ڳالهه ته سنڌ ۾ "قصه - خواني" جي فن ۾ ماهر منگتن فقيرن هن داستان کي عام ڪچهرين ۾ بيان ڪيو ۽ ڳايو . هن ڪتاب ۾ (ص ١٥٢) فقير مولابخش ميراثي جي زباني قلمبند ڪيل روايت، سنڌ جي انهي قصه - خواني واري فن تي شاهد آهي .

ن . ب

# پاڳو پهريون
# سورٺ - راءِ ڏياچ

# سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جو سنڌ وارو قصو

سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جي سنڌي قصي جون، هن بعد، ڪل پنج روايتون شامل ڪيون ويون آهن: (١) سنڌ جي شاعرن جي ڪلام مان لاٿا ۽ آهجاڻ؛ (٢) شاعر ابوبڪر جي چيل بيتن مطابق انيراءِ ۽ راءِ ڪنگهار جي لڙائي واري ڳالهه؛ (٣) سورٺ جي سڱ تان انيراءِ جي راءِ ڏياچ سان دشمني ۽ جنگ، ۽ چارڻ کي چوري سندس سر وڍڻ واري ڳالهه؛ (٤) بيجل جو راءِ ڏياچ جو پاڻيجو هجڻ، نجومي جي پيشينگوئي سببان ڪيس جهنگ حوالي ڪرڻ، ۽ پوءِ انيراءِ جي اشاري تي راءِ ڪنگهار جي سر وڍڻ واري ڳالهه؛ ۽ (٥) بيجل جو سورٺ تي عاشق هجڻ، ڪيس ڏيهه نيڪالي ملڻ ۽ انيراءِ سان ملي راءِ ڏياچ جي سر وڍڻ واري ڳالهه.

انهن مڙني روايتن کي آڏو رکي، هڪ مفصل ڳالهه مرتب ڪئي وئي آهي، جيڪا منڍ ۾ رکي وئي آهي: انهيءَ تفصيلي ڳالهه کي شامل ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته سنڌ واري قصي جي مڪمل روايت پڙهندڙ جي آڏو اچي وڃي.

ڏانهن رخ رکيائين. زال ڏٺو ته مڙس آهي زال جو سهاڳ، اهو ٿو وڃي سر ڏيڻ؛ هاڻي سهاڳ بنا جيئڻ ڪهڙو؟ اهو سوچي اها به اٿي مڙس پٺيان هلي.

جنهن وقت ٻهجل زال سميت گرنار پهتو ته ڏٺائين ته چندن جي ڪاٺين جو آڙاهه ٻرو ٻري. ٻهجل کي ڏسنديئي سورٺ پنهنجي ڪاتي جي ڌڙ سان گڏ پرندڙ آڙاهه ۾ ٽپي پئي. اهو ڏسي ٻيجل به ٻوڙي باهه ۾ ٽپي پيو. ٻيجل جي زال سوچيو ته: مون پاڻ پنهنجي هٿن سان مڙس وڃايو آهي سو اها به ٽپ ڏيئي وڃي ڏاگهه چڙهي. ٻيجل جي زال ان وقت پيٽ سان هئي، سو ٽپڻ سان ٻار وڃي ٻري پيو ۽ مالهن ان ٻار کي ڪڍي وڃي نپايو، ۽ جيئن ته اهو مگر (باهه) مان پيدا ٿيو هو، سو نالو رکيائونس "مگريو".

چنگ وڄائي تند هڻ تــــ هيءُ سر سينگاري توکي ڏيان . چارڻ ساز وڄايو ، ڏياچ مست ٿي ڪنڌ ڪپي ڏنس . ڏياچ سر ڏنو ، ڇڻ ڪرنار جو ڪل ڇنو . سورٺ جهڙين سوَن سهڻين ڏياچ لاهه رنو . چارڻ کي سر سينگارجي مليو ۽ هو ڏاتار جو سر کڻي روانو ٿي ويو .

قصي جي انهيءَ سٽاءَ تي سنڌ جي آڳاٽن شاعرن مان شاه عنايت، شاه عبداللطيف ، خليفي نبي بخش ۽ ٻين بيت چيا آهن ، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا . [ن- ب]

## ميين شاه عنات ۽ شاه عبداللطيف جي بيتن مان اهڃاڻ

### پيجل، چنگ کڻي راء ڏياچ جي بادشاهي ۾ آيو

الله جـي آس ڪري ، هليو هٿائين
چارڻ ٻڌا چنگ کي جهوڙا ۽ جهائين
ڏهلي راء ڏياچ جـي ڏوران ڏٺائين
وينتي واحـد در تنهن دم ڪيائين
سهاجها سائين، راءُ ريجهائين راڳ سين.
(شاه جو رسالو)

### پيجل جي ساز سچي جهونا ڳڙهه کي موهيو

جـاجڪ جهونا ڳڙهه ۾ عطائـي آيـو
تنهن ڪامل ڪيڏي ڪينرو وڏهي وڄايو
شهر سڄوئي سـر سين ، تندن تپايـو
دايون در مانديون ٿيون ، بايـن ٻاڏايو
پيجل ٻولايو، تـه سر سوالي آهيان.
(شاه جو رسالو)

### راء ڏياچ راڳ ٻڌي حڪم ڪيو ته منگتو جيڪي گهري سو ڏيو

راجا رنگــے محل ۾، جـاجڪ سر زمين
جـا هنيائين هٿن سين ، سـا سٿي بالابين
جت اچن نه اڙدا بيگيون، ات ڪوٺايو امين
تـازي ڏيوس تڪڙا ، جوهر ٻائي زيـن
ٻيو مگي ڪين ، ڏاران سـر سيد چئي.
(شاه عنات)

### راء ڏياچ، پيجل کي مٿي محلات ۾ اچڻ لاء چيو

ڪچاڙو ڪهُريـنُ ، جيـنُ ويـر وڄـائيين
جوڪنوء راڳ رباب سين، هنيين منجهه هُرين

آوپر چڙهه، عنات چئي، مڇڻ ڪين ڪُرين
جنهن سين تون ڏُرين، سوآءٌ اکين سين ڏٺين
(شاهه عنات)

راءِ ڏياچ، ٻيجل کي محلات ۾ سڏايو، جتي ٻئي ڪنهن کي به اچڻ جي اجازت نه هئي.

ٻارت ٻولي جا ڪري، سا مون گهڻو سهاءِ
جتي اچي ڪونه، عنات چئي، پير اتي ڏي پاءِ
جهل جهروڪي ناهه ڪا، خاصي خلوت آءِ
جيڪي تو جڳاءِ، سو ڏيئين تہ ڏيهه سڻي.
(شاه عنات)

راءِ ڏياچ، ٻيجل سان خلاصي ملاقات ڪئي

نرتي تند نياز سين، ٻيجل ٻرائي
راڄا رتولن ۾، ورنائي وائي
ڪوتاپائين ڪوٽ ۾، ٻارت ٻاجهائي
راڄا راڳائي، هر دوئي هيڪ ٿيا.
(شاه جو رسالو)

ٻيجل کي راءِ ڏياچ وڏا ڏان ڏنا، پر ٻيجل سر جي صدا هنئي

راڄا جو راضي ٿيو، تنهن ڏنا وڏا ڏان
موتي ڪاريا مڱڻي، طرح تنبي کي تان
مون وٽ مال متاع جي ڪمي آهي ڪانہ
ڪارڻ رب رحمان، سر وڍي سلطان ڏي.
(شاه جو رسالو)

ٻيجل جو راءِ ڏياچ سان وڏي مشڪلات سان ملڻ

پرديسان پنڌ ڪري، آيس اڪ‍ـاهين ماهہ
جي وهائيءَ ويرم ٿئي، تہ مون هينئر ڏي هلاهہ

سونارا سورٺ ور، ڳـالھ، هنئين سين لاءِ
سو مڱڻهار ملهاءِ، جو وڃان ويرين آئيو.
(شاھ جو رسالو)

تو در آيس راڄيا، پيا در دور ڪري
دولهه! تـــو درٻار ۾ آيس پير پري
مڱڻو آءُ نہ مال جو، منهنجو پنڌ پري
وري ڪين وري، مٿي ڌاران مڱڻو.
(شاھ جو رسالو)

راءِ ڏياچ وٽان سوالي خالي نہ ويندو هو، تنهنڪري ٻيجل سر جي

صدا هنئي

جنهين تڪ تارو، تـو راجا رمي انهين
خاصي خلوت خان جـــي آتهين اوتارو
سکيو نـــہ ســـورٺ ور، نئو ناڪارو
آنءُ تيلان سر گهران، تو ڪان تمارو
جنٿي سٺي جاجڪ جي، لڳس من موچارو
ڏينهينم سوارو، تہ ڏيکاريان ٻٽي ڏيهہ ۾.
(شاھ عنات)

راءِ ڏياچ، ٻيجل کي در در دانهون ڏيئي تان جٽ ڪئي

در در دانهون ڏي،ڪوهہ تو ڪيهون ڪريين
ٻابون، دايون، راڻيون، مٿان سٽن ســـي
مٿو مـنـاسب منهنجو، تند تنهنجيءَ تـــي
سر سياڻي ني، مـــان قلعو پوءِ قبول ۾.
(شاھ عنات)

راءِ ڏياچ جي سر آڇڻ جو، ٻيجل جو انيراءِ سان وچن هو

مـٿـو مٿانئين گهوريـــان، مـٿـو تـو مـٿاءِ
هڏو هيءُ هٿ ڪري، جاجڪ وهلو جاءِ
تون سين انيراءِ، جيم واچا ۾ ولهو رهين.
(شاھ جو رسالو)

### سورٺ جي ٻيجل کي منٿ

سڻ چارڻ، سورٺ چئي، پانئي! رک پرم
منٿ اٿئي مڱڻا، راجــا! ڳنهي مَ رم
تان ڪو دمج دم، تہ ڏسان منهن ڏياچ جو.
(شاه عنايت)

### راءِ ڏياچ کي سندس ماءُ خاتون راڻي جي نصيحت

خاتون راڻي چوءِ، پٽا! جم موٽائيين مڱڻو
آيو جو آس ڪري امر پلئہ تنهن پوءِ
سو سِرُ سڱنڊ هوءِ، جو ڏجي نام الله جي.
(شاه عنايت)

### راءِ ڏياچ، ٻيجل کي وري وچائڻ لاءِ چيو

راجــا رنگ محل ۾، ٻهر پاڪاري
ڏٺند تنهنجي مڱڻا، چت وڏو چــاري
اکيون بيت، عنايت چئي، وهلو ڏي واري
هيءُ سِر سينگاري، پاڻ پلئہ تو پائيان.
(شاه عنايت)

### ڪرنار ۾ ماتم پيو

ڪل چئو ڪرنار جـــو، پَٽڻ ٿيون پٽين
سهسين سورٺ جهڙيـــون، آييون اوسارين
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سِر سينگاريو ڏين
ناريون لاڏ ڪرين، راجـا رات رمَ ڪٽيو.
( ڀٽائي صاحب )

### ٻيجل، راءِ ڏياچ جو سر وڍي روانو ٿيو

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، پر پُري پاتا
صدا جـي سيد چئي، واڳي ڪمائيں واتا
تنهن تي راءُ راضي ٿيو، دل وڏيءَ داتا
مَرڪي مَر ماتا، رُڙي راءِ ڏياچ جي.
(ڀٽائي صاحب)

سندس آجيان لاءِ لشڪر موڪليو، جنهن ڪيس قلعي ۾ اندر آندو. راءِ سندس ڳالهه مڃي ، ۽ ڪنڌ ڪپي چارڻ کي ڏنو.

مٿين ڳالهين ۾ اهڃاڻن تي خليفي نبي بخش صاحب، (تخلص قاسم)، جا بيت شامل آهن.

بيت *

١- ”الف“ آيو اڄ، ڳن گويو ڳرنار ۾
وڻهي تنهن وڄائيو، منجهان ساز سهڄ
ڏوم مچائي ڏڄ، قاسم تند ڪماچ جي.

٢- ”بي“ برتي لـــ ڪئي، موران مڱڻهار
سرجنديئي سکيو وڏڻ جو واپـــار
سڏ سنڌي آئيو، مـــٿان ڪٽ ڪنگهار
انهي تندتنوار، قاســـم موهيا ڪيترا.

٣- ”تي“ توڪل تنـــدڙي، ويٺو وڄائي
قاسم ڳن ڳيان سان تو ڳرناري ڳهائي
آيو آونائي، راجا ڪُوڪ قـــوال جي.

٤- ”ٽي“ سُرندو هٿ ۾، مٿس لال لباس
آلاپيائين اوچتـــو پيرم راڳ پيـــاس
جا رکي آيو آس، ساپوري ڪندوپانهجي.

٥- جاجڪ جهوناڳـــڙهه ۾ اوچـــتو آيو
سنتي لوڪ سروز ڪي تنهن وڻهي وڄايو
قلعـــو تند ڪُماچ جي قاسم ڪنبايو
سٺنـــدي سنيايو، مـــٿو ڪارڻ مڱٽي.

٦- جاجڪ جهوناڳڍ ۾، آيو سچ آيـــار
ڏارينـــدو ڏياچ جـــو هٽي ڪنڌ ڪپار
قاسم اِن ڪنار، ڪوڙين ڪنا ڪيترا.

---

* هي بيت ”خليفي صاحب جو رسالو“، ڇاپايل سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٦ع (ص ص ٩٠-٩٩) تان ورتل.

۷- جاجڪ جهونا ڳيڊ ۾، اڳ نہ آيو اِيءُ
قاسم ان قوال جو سورٺ چڙهيو سيءُ
جاجڪ نيندو جيءُ، ماري آيو مڱڻو.

۸- مهت پسنديِن مڱڻا، جاجڪ آئين جي
جو گهربٺي سو گهوريان، حال منهنجو هي
ٻولي وار م ٻي، تہ مٿو ماناتو ٿئي.

۹- مٿو لهي مان، تون پڻ ٿسين مڱڻا!
مٿو گهوريان تو مٿان، جاجڪ سوڍو جان
تو پلائيءَ پان! مون منهن مٿانهون ٿئي.

۱۰- تون ڏاتار، آءٌ منگتو، تون سروريو سلطان
سخي سخاوت جي، تو در ڪمي ڪانہ
جو گهرين سو گهورتون، سرو سُنک سبحان
ڏي دُبارو دان، ڪاڻي ڪنڌ قوال کي.

۱۱- سورٺ مهندان مڱڻي، ٿي جانا پري جوءِ
جهڙي سيٺيٺي سارنگيا، تهڙي ڪري نہ ڪوءِ
اِي نہ مناسب هوءِ، جيئن مٿو گهريوءِ مڱڻا!

۱۲- سورٺ مهندان مڱڻي، ٻڌي ٻانهون هٿ
سر ٻيو جا سهاڳ جي، سا ڪان لاهم نٿ
جنهن سان سونهي سٿ، سو تان مار م مڱڻا.

۱۳- سورٺ مهندان مڱڻي، آزيون ڪري آٿ
راجا عيوض راڳيا! پيا سر ڏيان سٿ
قاسم! پيش قوال تان، گهور نہ ڏيان گهٽ
وڏيو وينو وٽ، ڏڙ تان مُچي منڙا.

۱۴- قاسم! قدر جنو، منٿ نہ مڃي مڱڻو
مٿو مور نہ سٽيان، جهي ٿي آچين سٺو
سورٺ سمجهہ ڳالهڙي، چوري چپ م چٺو
پور نہ ترس پٺو، جاجڪائي ذات کي.

۱۵- پيٽس ڪـن پـڙاڏُ، آڌيءَ رات آواز جو
ڪونيائين قوال ڪـي، آهُ تـنبيرا آهُ
توشو تو هي لاهُ، مون سـڀي تند سنيائيو.

۱۶- توشي ڪارڻ تند، هڏ نہ هٿان هيڪڙي
تو در آيس راڳيا، پر-پٽونءِ ڪري پند
مٿي ڏاران مورهين، پٿون ناهہ پسند
ڪلهٿان مٿي ڪند، قاسم ڏج قوال ڪي.

۱۷- توشي ڪارڻ تند، هڏ نہ هيڪ هٿان
هٿ نہ ڇهان هاٿيين، گھوڙا گھر گھٿان
مٿو ڏي مراد سان، نہ ڪلي ڏان ڪٿان
قاسم در ڪٿان، پاند نہ ٻڌان پانهنجي.

۱۸- توشي ڪارڻ تند تي، هڏ نہ ڇُهان هٿ
مٿي ڏارن مورهين، وار نہ ڪٿان وٽ
ڪاتيءَ آئي ڪٽ، ڪٻي ڪانہ قوال سان.

۱۹- آوٻـر قلعي آئيو، جاجِڪ جوت جمال
نهن چوٽيءَ سين ڏيکيو، قاسم قرب ڪمال
واڻي ڳـم وصال جي، ماسو ڪٿي نہ مال
پاڻهي ڪوني پاتشاهہ، لڏي سڏ سنيال
آڙدابيڪيون آئيون، اڳيٿون استقبال
اَت آونايو راڳئي، جتي قيل نہ قال
ڪاتي، ڪنڌ، قوال، همہ ٿي هيڪ ٿيا.

۲۰- سـوَ تـنبيرا سارنگيا، ڳڙهہ پاسي ڳائين
ڪلهي پايـو ڪينرا، ويٺا وڄائين
ڏهاڻـي ڏيـاڄ ڪــــي سائل سندائين
سوڏو سٿائين، "لن تراني" تـن ڪي.

۲۱- سهسين ميڙيا سارنگيا، ڪوڙين لک قوال
ويهي تن وڄائـيا، طمع ڪارڻ تال

ٿيلهہ وڏي تن کي، وڇان وٽ وصال
رسي منجهہ رومال، "لن تراني" تن کي.

٢٢- اوپر قلعي آئيو، جاجڪ جوت جُھار
ترڪ طمع تن تارڪي، قاسم ڪلاندار
اڳ نہ آيو اهڙو، ڪو ڪُن گويو گرنار
ڪونهي وير وهاريو، ڪوٺي منجهہ ڪنگهار
آتي مَلڪُ نہ جِنُ ڪو، نڪا طير توار
جاجڪ جمعدار، هردوئي هيڪ ٿيا.

ڏاتار جو سر لاٿو! ڏيـاچ جي سخـا ۽ ٻيجل جـي صدا سدائين لاءِ مشهور ٿي وئي ۔

مٿين ڳالهہ ۽ آکاڻيءَ تي مل محمود ٻلي بيت چيا آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا۔

## بيت *

١- الله جـي آس ڪري، آيـو ٻـان ٻري
ڪري دانهـن در تـي، ڪامل ٻـيو ڪري
تہ ڪوڙ ڪپـر ڪيترا، ويـا خان ڪري
صدقو في سبيل الله ڏي، سائل ڪي مري
تہ ملڪان ملڪ ڦري، تنهنجي هاڪ هلائيان۔

٢- تنهنجي هـاڪ هلائيان، ڏيهـن منجهہ ڏات
تہ مونکـي ٻـرس ڀرايو، ٻر چڱـي ٻهات
ٻر سائل آهيان سـِر جو، زري نـہ نهان ذات
سٽج هنئين جي ڪنن سين، هي ٻاري سنديم ٻات
آيو جو ٻرڀات، سو مـور نـہ موٽاءِ مڱڻو ۔

٣- تڏهـن راجا مڱڻي آکيـو انهيءَ ٻـر:
تہ مال مڙوئي تو ڏيان، جيڪي منهنجي گهر
هيرا موتـي هزارين، ليکي ڪـان ٻـهر
ڪوٽ ڪجـاوا قيمتي، مٿـن سون ۽ زر
گهوڙا ٻيـڙا هاٿي، ٻيون انباريون اٻـر
ڪٽـڪ لشڪر ڪـيترا، همہ زمـين سر
وانءُ وٺـي مڱڻا! ٻـرچ انهي ٻـر
سو ڪٽي ڦٽو ڪر، جنهن ۾ ماسو ناهي مال جو۔

٤- آءٌ مڱڻو ناهيان مال جو، نہ انهي ٻر ٻرچان
ٿـهري ڪنهن ٿوڪ تي، سـِري رءِ نہ سرچان
مٿو ڏي تہ مرڪان، نہ تہ آهيان لڄي لوڪ ۾۔

* "مجمع العجائب" مطبوع "بلوچ ليٿو پرنٽنگ" پريس ڪراچي سنہ ١٣٥٩ ھ تان ورتل ۔

٥- چٿي: ڪير مٿو مڱڻا! هٿي ساڻ هٿن
داين، ٻانهيون، ٻانيون، رائيون مر رڙن
کهل مَ ڪج ڪک جيتري، ترس سندو تن
هي تان سير هيڪڙو، توکي ڏهه هوند ڏجن
تو لک ٽورا لائيا، جياري جيءُ جڏن
پوءِ انهي پر پسند ڪيو، ڏٽي ڏيهه ڏٺين
اڇي چوڪي ڪري چڱن، رونجهي راءِ ڏياچ تي.

٦- ڏسي ڏان ڏياچ جو، سخاوت سئو وار
سخي ڪَيل شرمائيا، ڏسين جا ڏاتار
نه ڪنهن ڪان ٽيندي ڪانه ڪا، ههڙي مهل موچار
دنيا دولت سيڪو ڏي، ڏيندو ڪير ڪپار
ڀوري ويهه، پلي چٽي، ڪي راجا راءِ ڪنگهار
اچي مٿان مڱڻهار، سائو سير گهوريو.

٧- سائو سير گهوري، آيو مٿان مڱڻي
تندن جي تنوار سين، ڪڍي ڪٽارو ڪوري
تو ويهه ورق واريا، چنگ اهو چوري
پڙان نه انهيءَ ٽوري، جٺن مون در آئين مڱڻا.

٨- مون در آئين مڱڻا! ڀلي ڪري ڀانءِ
جياري جيءُ جان ڪي، ڏوڙا ڏيئي ڏان
وڏي مهر، مٿل چوي، ڪيئي اچن سين احسان
مٿو هي مهربان، ڪوري ڪي ڪلهن تان.

٩- جڏهن ڀاٽ وڏي پارس جي، ڪاتي منجهه ڪپار
داين ڀٽي دانهون ڪيون، ٻاين ۾ ٻاڪار
شهر سڄو چوڏڪي ويو، سندو ڪي گرنار
رائيون راءِ ڏياچ لاءِ، پيٽيو ڪٽن پار
سورٺ پڏي سندرو، ڏسي ڏڙ سيسيان ڏار
ڙي مرين مڱڻهار! جٺن هيڏو قهر ڪوپ ڪيئي.

١٠- اديون ڙي اوچتو، آيو مڱڻهار ماري
جنهن اچي حادثو ڪيو، ڪربلا ڪاري
اڄ ڏياڇ نه آهي ڏُهلُيءِ ۾ اکين ڏار آري(١)
وجهيو وارن ۾ واري، هٿي مُند هٿڙا.

١١- هٿي مند هٿڙا، ڪري گهوڙا گهوڙا
پلٽيو پون، ٻلي چئي، مٿي ڳل ڳوڙها
مڱڻا! شال مرن ڙي، ڪامي ٽيين ڪوڙا
هليو ڏياڇ جهڙا، ڪٿ ٽو مور مارين.

١٢- جڏهن سر سخا ۾، راوَ ڏنو ريلي
حورن اچي هشم ڪيا، وير تنهن ويلي
رانُياڻون رمز سين، ڪنوڻ جٿن ڪيلهي
وُٽا مينهن وڏ ڦڙا، امل لال ٽيلي
تنهن ڪي ڍولو ڪٿ ڍيلي، جو نو ڪر سندس نام جو.

١٣- مٿو نام مولهي جي، ڏانُڪي ڏنائين
سانگو پنهنجي ساهه جو، ڪهل نه ڪيائين
انهي ۾، ٻلي چئي، وڃي لوڏ لڏائين
ٽيو ماڪن سدائين، جاگيردار جنت جو.

---

(١) ڏهلي = حويلي جو دروازو، يعني حويلي، محلات.

هيءَ مال مڙئي منگتا، آهي تنهنجي اختياري
ڪر صاحب سرداري، معافي ڏي ميان منگتا.

٧- سورٺ مڱڻهار کي، ٿي نياز ڪري نوڙت
سسي نه وڍ رام ڏياچ جي، ٿي راضي ڏي رخصت
ڪٺي وچ خوشيءَ مان، مال مڙئي ملڪيت
هيرا جواهر موتي، ۽ دنيا، زر، دولت
سر وڍڻ مان منگتا، ڪين ايندئي ڪي هٿ
منهنجي ميچ منٺ، ڪنڌ نه ڪپ ڪاتار جو.

٨- سورٺ اکيان منگتي، ٿي روئي زارون زار
هي مال خزانا ماڙيون، تنهنجي سڀ اختيار
هڪ سسي سورٺ ور جي، سا ڪپچ نه ڪاپار
آءٌون سائل سوالي آئيين، سو موٽ م َ مڱڻهار
ڪلي ڪڻ خوشيءَ مان، هيرا جوت جوهار
وانئون وائي وسار، سر وڍڻ جي منگتا.

٩- سورٺ مڱڻهار اکيان، ڳاڙي ٿي ڳوڙها
سر نه ڪپ سلطان جو، اها پرپر چڏ ٻوڙا
نانا نيلون پدمون، ڏانَ ڏيئين ڏوڙا
اٺ هاٿي گهوڙا، سڀ پري ڪڻ سون جا.

١٠- مهندا موتي منگتي، ڪٺي سورٺ سان سر پر
سواء سسي راء ڏياچ جي، ٻيو نه گهرجي زر
وڃي ڏيکاريان ڏيهن ۾، ٿئي نالو نيشانبر
پڌي پيجل جي خبر، سورٺ سور پرايا.

١١- سورٺ سور پرايا، ٿيو محلن ۾ ماتم
تو سر ڪپي سلطان جو، حڪم سان حاتم
ڪاٿئون ۽ ڪنهن پر آيو، هي راڳ پريو رستم
هڪ نه ترسي تو دم، پيو سر جون صدائون هٿي.

١٢- سورٺ مڱڻهار کي، ٿي ڏان ٻاسي پنج

هاڻي هنبارين سان، سونا مٿن سنج
هيرا موتي جواهر ڪن، رهه راضي، ۽ تي رنج
جيڪي ڪپڙي ڪن مال هي، اٿئي بادشاهي گنج
هر دم صبوح سنجهه، ڪري منٿون مڱڻهار ڪي.

۱۳- منٿ نه مڃي منگتو، ٻي وائي نه آڻي وات
ڏي سر وڃي مائل ڪي، ڪهائل هٿي گهات
سينگاري سيسيءَ ڪي، آڻ تون آڏيءَ ڪات
ٻيو مال نه گهرجي مونکي، اهوڏن گهڻو تم ڏات
هر هميشه حيات، جيئرو هوندين جڳ ۾.

کي ماري مات ڪريان. بس، پوءِ ته حڪم ملڻ سان ٿوري ئي عرصي ۾ سڄي بادشاهي مان لکين جوان هٿيار پنوهار ڪٺي اچي گڏ ٿيا. آخر انيراءِ جو اهو شاهي لشڪر جنگ جي تياري مڪمل ڪري، نوبتون نغارا وڄائيندو گرنار ڏي روانو ٿيو.

انيراءِ جو لشڪر واٽ تي منزلون ڪندو، آخر اچي گرنار جبل وٽ پهتو. ڪوٽ جبل جي چوٽيءَ تي هـــو. پهاڙ کي چئني طرفن گهمي ڏٺائين پر متي وڃڻ جو ڪس ڪٿان به نظر نه آيس، ۽ سو سمورو لشڪر جبل جي چئني طرفن ڦيرائي، ڪوٽ کي نظر ۾ رکي جبل جي هيٺان اوچا منارا ۽ ٽل ٺهرائي، انهن تي توفون چاڙهائي، حملي جو حڪم ڏنائين.

انيراءِ جي لشڪر نشان چٽي، قلعي ڏانهن هڪ تيرن جو وسڪارو ڪيو ۽ پيو توفن جي وارو وار لائي ڏني. پر گرنار جي ڪوٽ کي نڪو تير رسيو، نڪي ڪنهن توف جو گولو. گولا اڌ واٽ تان ئي وريو ٿي آيا ۽ جبلن تان لهندا اچي سندن پنهنجي ئي لشڪر تي مارو ٿي ڪيائون. اهو لقاءُ ڏسي انيراءِ جي لشڪر جبل ۾ سرنگهون هٽي مورچا ٺاهيا ۽ اتي بچاءُ ۾ ويهي رهيا. جڏهن راءِ ڪنگهار جي ڪن تي توفن جي ڌڌڪي جو آواز پيو، تڏهن پنهنجي ماڻهن کان پڇيائين ته هي آواز ڇا جو آهي؟ ڪو سيٺ يا سوداگر پيو اچي يا ڪو حادثو ٿيو آهي؟ ڏسو ته سهي، ڪو سوالي سوال ڪرڻ ته ڪونه آيو آهي؟ تڏهن چاري گرنار ڪوٽ کان ٻاهر نڪتا ۽ لڪي ڇپي وڃي خبر چار وٺي اچي راءِ ڪنگهار کي ٻڌايائون ته: نڪو سيٺ آهي نڪي ڪو سوداگر ۽ نه ئي وري ڪو منگتو آهي. پر انيراءِ راجا لشڪر وٺي اچي حملو ڪيو آهي ۽ هي ڌڪاءُ سندس توفن جا آهن، جـــو گرنار تي گولا اڇلايا اٿس.

راءِ ڪنگهار کي گرنار ڪوٽ جي اوچائي ۽ راه جي اڻانگائي جي خبر هئي، تنهنڪري انيراءِ جي حملي جي خبر ٻڌي سندس دل کي لوڏو ئي ڪونه آيـو. يڪدم ڪچهري ڪوٺائي پنهنجي اميرن اُمرائن کي چيائين ته: پاڻ وٽ گرنار جي ڪوٽ ۾ ان پاڻي ايترو آهي جو ورهين جا ورهيه ويٺا کائون ته به ڪونه کٽندو. تنهنڪري

انيراءِ ڀلي تہ گھيرو ڪيو ويٺو هجي، ويهي ويهي ڪڪ ٿيندو تہ پاڻهي موٽي ويندو.

هوڏانهن وري انيراءَ جا سپاهي جڏهن ويهي ويهي ڪڪ ٿي پيا، تڏهن راجا کي اچي چيائون تہ: بادشاه سلامت! راءِ ڪنگهار سان وڙهڻ اسان جي جاءِ ڪانهي، نڪو سرنگهہ هڻي ٿا سگهون، نڪو قلعي تي ٿا پهچي سگهون، ٿلهو ويهڻ مان ڇا ورندو! هاڻي ٻاتہ موٽي هلي اجمير پيڙا ٿيون، يا تہ ڪا عقل واري تجويز ٻڌايو تہ گرنار کي هٿ ڪري سگهون.

تڏهن انيراءَ کين جواب ڏنو تہ: خزاني جي مون وٽ ڪمي ڪانهي، اوهان کي جيڪي کپي سو ڪٽو، کپايو ۽ پنهنجي لشڪر ۾ بہ ورهايو. سوڀون تہ وس ستار جي آهن، پر ڪجهہ تہ همت اوهين بہ ٻڌو. باقي تجويز اها آهي تہ جيڪو بارود اوهان وٽ آهي، سو توفن ۾ ڀري، گولن جو ستڪو لائي ڏيو تہ ڪوٽ ڪري پوي. انيراءَ جي حڪم موجب ٻئي ڏينهن سج اڀرڻ سان توفن ڌڌڪا لائي ڏنا. گولا مينهن وانگر وسڻ لڳا. جبل هو اپ- ڪپرو، مٿان پٿر جو ذرو ڇڏجي تہ هٿ اچي ٽڪاءُ ڪري، سو گولا بہ گرنار تائين پهتا ئي ڪين، اڌ واٽ تان ٽڪري تي موٽيا. اهي ساڳيا گولا مينهن وانگر موٽي اچي انيراءَ جي لشڪر تي وسڻ لڳا. لشڪر جي ليکي تہ مٿان گرنار جي لشڪر وسڪارو شروع ڪري ڏنو آهي، سو وٺي پوئتي ڀڄڻ لڳا. تان جو آهستي آهستي ٿي، سج لٿي تائين اڌ لشڪر مارائي، پڇندا اچي انيراءَ وٽ پهتا. انيراءَ کي فرياد ڪيائون تہ: اسان ٻڌو آهي تہ گرنار جو ڪوٽ جنن ۽ ديون جو جوڙيل آهي، جنهنڪري ان کي نڪو تير پهچي، نڪي گولي جو اثر ٿئي. هجي ماڻهن سان مقابلو تہ اسين بہ هلي پنهنجي پهلواني ڏيکاريون، هتي آهي جنن ۽ ديون سان جهيڙو، سو اسان وڙهڻ کان بس ڪئي. باقي جي راءِ ڪنگهار ڪنهن الڪل سان قلعي مان لشڪر ڪڍي ٻاهر اچي تہ پوءِ اسين بہ وڙهڻ لاءِ تيار آهيون.

انيراءِ پنهنجي لشڪر تي ديون جو ڊپ ويٺل ڏسي، کين دلداري ڏني، ۽ دل ۾ خيال ڪيائين تہ جي هيترو سارو لشڪر مارائي واپس

١٥- تڏهن چيو اميراءَ کي، اتي وزيرن وري
ته مڏ مٿيسون ساميان، ڳڙهه جي ڳالهه ڳري
ات وجهه وڙهڻ جو ناهه ڪو، پڻ پوندا مڙس مري
انجي ٽيلي ڪان ٻه ٽري، پلي پروڙنون پاڻ ڪي.

١٦- پاڻ پليو رهي نه پاتشاه، پڻ پيو جنهن پور
سو ڏمريو ڏياچ تي، مرد نه مڙي مور
چڙهيو چينچل چاهه سين، اپر ڪريوئي آور
چئي: ڏيه سڄي جو ڏور، سو ڪو قلعي راوَ آئيان.

١٧- تڏهن ڪري قصد قلعي تي، پليا سي پلڪار
لکــ لشڪر لاڏلي، ميڙيا مرد مٿيار
ڪي هندي، سنڌي، پارسي، دکني دعويدار
ڪُونڌهٽ ڪشميري ڪيترا، عجمي آت اپار
گهڻا گهرايا گهوڙيي، ڪابوليان قندار
سي بيحد بنجي آئيا، ٻاڪا برخوردار
هٿا جاما جوانن کي، زرهون زينتدار
ڪمر ڪٽاريون ڪانيون، پيون ڪلنگيون منجهه ڪپار
ڪيڙيون خانن هٿ ۾، دهريون سان ديدار
ٽن چگن مٿان چوُنڊيون، ڍرن ڍلي ڍار
سي ٽاڪونسن منجهان ڪار، ڏمر سان ڏياچ تي.

١٨- سي ڏمريا ڏياچ تي، پليا پلڪاري
سي پڙ گهرايا بادشاهه، اپر آپاري
ته ڍڪيو ويس وڏاندرا، اوهين وڙهڻ جا واري
صبح سنيري سيڪو، چينچل چڙهڪاري
ٽن نرن نارين ڪديون، سرتن سينگاري
رات وهائي ڏينهن ڪيو، غازين گذاري
هليا هڪل هل سان، ڪري نوبت نغاري
ڍريا اوهه ڍاري، پهريون پاڻو هندَ ۾

١٩- پاڻو ڪٿي پڙيا، جنبيا جلد جوان
توفون، تير، تفاڪون، شتر ناريون، پان
اٿ خزانا استريون، نغارا نيشان
پرڙن پالا بڙچيون، قرابين ۽ ڪان
ڳڻي ڳنيان ڪيترا، جي هٿا ساٿي سان سلطان
سي مانجهي ميدان، ٿا ڪونسن راو ڏياچ سان.

٢٠- ڪانڌيري ڪنگهار سان، ٿا ڪونسن منجهان ڪار
ڪي پُرن پياد پيرڙيا، ڪي شترن سر سوار
ڪي مٿي گهوڙن گهوٽيا، چينچل چير بدار
آتاهان انبارين سان هاٿين جا به هزار
صحي پوندين سار، جڏهن ڏسندا ڏيه ڏياچ جو.

٢١- سي آيا ڏيه ڏياچ جي، ساهو سڌر سينهن
پاڻان ڏيٺي پهتا، جهاڳي راتيون ڏينهن
ڪنڪن ڪاهو ڪاهه ڪي، جيئن منداڻا مينهن
هاڻي قضيو هوندو ڪيئن، ناهه سڌ، سگهڙ چئي.

٢٢- ناهه سڌ، سگهڙ چئي، پند نه چاڻان پير
سي تون قادر ڪوڙمر هين، جي ڏڪ ڪيامون ڏير
ڏنم ڪين ڏياچ کي، نه ڪي انهي مرد مٿير
پر ڪنيرو سان خير، ڪهي آيو ڪاف تي(١).

٢٣- ڪاهي آيو ڪاف تي، جڏهن سو انيراء
تنهن ٿلهه منڊايا ٿاه سين، چات چلي سر چاه
تر چاڙهي توفون چاڙهيون، ويرن واري واه
چڻهلن ٻيهي چوڙيون، سان تير تپاڏي تاء
نان گورا ڪن نه ڪهاءَ، پاڻ اورياڻين تي اوليا.

٢٤- اورياڻين تي اوليا، پرن ڪين پري
گورو ڪيد ڳرنار ڪي، لڳو ڪين ڪري

* اصل : ڪير

١٠١- پسي طور تنبير جو، ڪي مائينءَ سپاهتي
ڪنجهي قابل مڱڻو، هيو واجڻ ولاتي
تنهن هنئي تند حضور ۾، پارس پيراتي
تہ ڪڏي هن ڪاتي، وڌو ڦـٽ ڪپار ڪي.

١٠٢- تڏهن سر لٿو، ڏڙ ڏيهو، ٿو رت ڇـُلڪا ڏي
سو دوُرجـي دُور ٿيو، مڱڻهار پـري
ُلهي ڙي چارڻ لہي، واڻي ميرَ جي وات ۾.

١٠٣- واڻي مير جي وات مان، پڌر پئي پڪار:
تہ جنبي جاجڪ جهل تون، هي ڏانُ ڏنئي ڏاتار
تڏهن پسي پاڻ پـُر ٿيو، مير سندا سينگار
هٿا مڙهيا ملوڪ مٿي ۾، هيرا لعل جوهار
پيئي پـرينـُئي منجهہ پچار، تہ ستُ پيوئي سورٺہي.

١٠٤- سخيءَ سندي ست جي، ڏسا پيئي ڏسين
سي ڪهيو اچن ڪيترا، ماڻهو ڪان ملڪن
ڏسيو ڏانُ ڏياچ جو، ٿا عجب منجهہ پون
تہ مانجهي سڀ ملهائيا، اڳين ڪي پوين
ٿا چارڻ ڪي چون، تہ پُنيئي مراد من حي.

١٠٥- تہ هاڻ پوري ڪي پاتشاه، من جي تو مدعا
تن اگر چندن جي اور ڪري، اچي چيہ مچائي چاءَ
تان اوءِ سنبهي آيا ساٿ تي، هڪ راڻي پيو راءِ
پوءِ پسي همٿ هندوءَ جي، اُسهيو آنيراءَ
تئن هو جاجڪ وڙهيو جوءِ سان، ہائي! جاڙ
ڪيئي جاءِ
آنُ پـَڻ ثابت سر سخيءَ تان، ڪندس صدقي
پنهنجو ساهہ
هي سائل سڏ سماءُ، ٿي ٻوليو ٻول ٻيڙ سان.

١٠٦- تنهن ٻوليو ٻولُ ٻيڙ سان، نرتئون هيئن نروار

تہ چُرئیي تنهنجي چورسين، مون هئي چنو هي هار
تڏهن ڪامڻ چيو ڪانڌ کي، مهندان مگ ڻهار
تہ ور ري و لهي نہ ئي، شل ڪڏهين ڪام ڪنوار
آن پڻ سيد سخيءَ سان صدقو ڪريان، تحقيق
نہي تڪرار
پر تنهن پنيءَ سندي پيٽ پر، پيو هو پـلـر بار!
سي ٿي ترت تيار، اچي چڙهيا تنهن آڳ تي.

١٠٧- سي پنجئي جيءَ جلي ويا، ٿو چائي رب رحمان
ڪڏهن رهندو ڪونہ ڪو، هت سچو ۽ سلطان
سڀ خاوند جي خلقت جو، آهي خاڪ مڪان
جنهن جوڙي جڳ جمع ڪيو، سڀاجهي سبحان
پوءِ ادا! ابوبڪر چئي، مون هي بنايو بيان
تنهن جي آهي ڪـل ڪريم ٿي، نرت هن نڌان
سو مرڻ وير محتاج کي، شل نئي آگو سين ايمان
ظاهر ساڻ زبان، شل ڪلمون چوان قلوب سان.

لا إلـٰه الا الله محمد رسول الله.

تنهن حڪم سان هلايا داتهہ در ديوان
پرماڻ ٿـي پاڻ، پر۔ ڏک ميٽي پاتشاهہ.

٣- پر۔ ڏک ميٽي پاتشاهہ، تنهن جي اگرائي هيءَ
ڏيندو ڏان منگتن کي، لال لڪائي ليہ
تتي طعام ورتن ٿيهہ، تتي پوڄ واڄن پٽيهہ
تنهين گهر جائي ڏي، پٽيهہ لڪٽي بالڪي.

٤- پٽيهہ لڪٽي بالڪي، اصل جهڙي آهہ
تنهن کي برن ماڻڪ منهن ۾، پوٽي جهڙي آهہ
ڏسيو پاروتن ۾ سرها سڀ ٿياءَ
پڇيو پنڊتن کان، تہ نکشتر ڪهڙا نار کي.

٥- پنڊت پٽيو پوٿيون، ڪريو ڪرڻ ويچار
نکشتر هن نار کي پياري آهن سيوءِ
بارهين ورهين جي بالڪي جڏهن ٿيندي جوءِ
ڪوڪ ورندي ڪوٽ ۾، هل هنگاما هوءِ.

٦- روشنو ٿيندو رڪ جو، ٿيندو ڪرکل ڪوءِ
پدر پوندي پوءِ، جنهن جو نالو 'سورٺ' نڪتو.

٧- نالو سورٺ نڪتو، تنهن جي پکوت رکج پرم
راڄا سندي روح ۾، ڪو جو گوندر غم
اتي هندو هچا نہ ڪري، جنهن جي من اندر مرم
دانهہ هڻي دم، ڪڙم قبيلو ڪوٺيو.

٨- ڪٽنب قبيلو ڪوٺيو، راڄا منجهہ رهاڻ
ويهي ڪياڻون مصلحت، سيني تنهين ساڻ
پري ٿيو پرماڻ، تہ پهہ ڪريون پاڻ ۾.

٩- پهہ ڪريون پاڻ ۾، خلاصو ويهي
وٺي مصلحت من ۾ پهت تن پيٽي
پهر لنگهايو بالڪي ڪنيا هي نيئي
ماندپندس سيئي، جتي منهن چڙهندي مانکون.

١٠- منهن چڙهندي مانگڻون، خلل نہ ٿيندو خون
راڻيون راجا ڀوڄ کي رويو هئن چئون
انيو هئن چئون، تہ ٻالڪي ٻاهر نہ ڪڍجي.

١١- ٻالڪي ٻهر ڪڍيائون، آت جويون جر هارين
موڪلائي ماءُ ماسيون هار هزاري ڏين
انيو هئن ادب سان ٻر ٻر ٻاڪارين
هيرا، جواهر، ياقوت پيٽيءَ ڀرائين
آڻيو لڏي ناريں، سورٺ سنگلديپ ۾.

١٢- سورٺ سنگلديپ جي، ذات ٻلي جوهار
ڀيڻي راجا ڀوڄ جي ٻالي رتن ڪنوار
آئي انيراءِ کي، پوکي راءِ ڪنگهار.

## (ج) غلام حيدر تيرهي جا چيل بيت*

سورٺ راڻي، رتن جي گهر ساماڻي، جنهن جي سونهن جي هاڪ ملڪين مشهور ٿـي. سندس سونهن جي ساراهه راءِ ڪنگهار ٻـڌي، جنهن وڏي اقبال سان جهوناڳڙهه ۾، پنهنجي ڪنوار ڪري آندي. سورٺ به راءِ ڪنگهار وٽ خوش ۽ سکي هئي، ڇاڪاڻ ته راجا کيس هر ڳالهه کان نوازيو، ايستائين جو جيسين ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا سورٺ کي نه ڏسندو هو، تيسين سک نه ايندو هوس.

ڪنگهار جي اها خبر انيراءِ جي ڪن پئي، سو ڪاوڙجي مٿس وڏو ڪٽڪ چاڙهي ويو. ڪوٽ تمام اوچو هو، جنهن تائين انيراءِ جا ڪي به گولا نه پيا رسن، ۽ لشڪر جي چڙهڻ جي به ڪا واهه نه هئي. جڏهن ڪجهه حاصل نه ٿيس تڏهن انيراءِ لشڪر وٺي موٽيو.

ڪنگهار جي انهي سرمي انيراءِ جو سک ڦٽائي ڇڏيو، هن ڪنهن به حيلي ڪنگهار کان پنهنجي بيعزتي جو وير وٺڻ ٿي گهريو. کيس خبر پئي ته ڪنگهار راڳ تي عاشق آهي، سو پنهنجي راڄ جو وڏو راڳي، جيڪو ذات جو چارڻ هو، گهرايو ۽ ان کي وڏا ڏاڻ ڏيئي ڇپائينس ته: ڪنگهار جو سر آڻي ڏي. ٻيجل سندس ڳالهه قبول ڪئي، ۽ سنهري ساز کڻي جهوناڳڙهه ويو.

ٻيجل پنهنجي تند سان سڄو جهوناڳڙهه تپائي ڇڏيو. راءِ ڪنگهار ٻڌو، تنهن چيو "مون اڳ اهڙي تند نه ٻڌي" سو سڏائي چيائينس ته، 'راڳي! جيڪي گهرين سو ڏيانءِ، هاٿي گهوڙا، هيرا جواهر- اهي به تنهنجي تند جي آڏو گهٽ آهن. ٻيجل چيس ته: سائين، آءٌ اهو

---

* فقير غلام حيدر، بزرگ قنبر علي شاهه 'شريف' ڀاڳائي جو هڪ وڏو خليفو ۽ درويش هو. هر رنگ ۾ رتل هو، انهيءَ ڪري کيس 'تيرهو' سڏيندا هئا. ڏالپوري دور ۾ ٿي گذريو. پنهنجي مرشد جي وفات (١٢٦٤هه) کان اڳ گذاري ويو. سندس قبر پنهنجي مرشد جي مقام، گنبالي (تعلقو کهوڙا ٻاري) ۾ آهي.

٥- اڇي اوسنب تي چڙهيا، نارن ڪيا ناڏ
لاشڪ ڪريو لاڏ، لائين گليلا گرنار کي.

٦- گليلا گرنار کي، اوڏا تِن نه اچن
دانا هن دم هنيا، پر پاڻي ڪان نه پرن
موٽيو پوء وڃن، دلمل دولهه سامهان.

٧- راڳي راء کهرائيو، چارڻ چوکي ذات
ڏيئي ڏهوٽي ڏات، کهريائين سر سلطان جو.

٨- سويروٽي سنبريو، بيجل ٻنڌي ٻول
راجا جو رتول، تنهن هٿي تند تپائيو.

٩- ساز سٽي سلطان، ڪيو سعيو سر وڍڻ جو
اڪي سيم نه اهڙي، تند ڪنهين ٿم تان
موٽ ٿم مهربان، جيڪي کهرين سو کهر تون.

١٠- جيڪي کهرين سو کهر، مڱڻهار ميان
گهوڙا هاٿي انباريون، توکي ڏاج ڏيان
سوٺي ڪج قبول هيت، جو منهنجي ملهه ميان
ٿو شرمسار ٿيان، اَمُل هيرا آڇيو.

١١- توٽي امل آڇئين، توٽي هاٿي انباريون
گهٽيون منهنجي گهر ۾، آهن اهڙيون عماريون
سهسين ساز سرود سان، مون راٽيون رٺاريون
سر ريءَ سواريون، ڪم اچن ٿيون ڪينڪي.

١٢- ڪري آس الله جي، هلي آيس هت
مون پري ڪان ٻنڌ ڪيو، سهنج ساڻ سُرت
چارڻ سندي چت، سا جا رکي ڳالهڙي.

١٣- ريجهي راء کهرائيو، بيجل کي ٻيءَ رات
سوٽي ڏيندس منگتا، جنهن جي توکي تات
لشڪر ٿيو جو سر کهريئي، ٻي نه ٻڪيئي بات
ويران وهائيءَ رات، جي چوين ته هلي هت ڏيان.

١٤- تڏهن چارڻ چنگ کي، وڄهي وڄايو
دايون درمانديون ٿيون، ٻاهن ٻلاڏيو
سور نہ سوٽايو، ميهن مڱڻهار کي.

١٥- ميان مڱڻهار کي، سور م تون سوٽاءِ
سخا تو سلطان جي، سڀ ڄاڻ بڄاءِ
تنهن ڪڏي تَوراءِ، ڪتاري ۽ ڪنڌ سان.

١٦- تنهن سان سورنہ تورهان، ڪنڌ ڪتار ڪماچ
'نيرها' ترازوءَ ۾ اچي هنيائون آچ
ڏيئي سر ڏهاج، ٿيو مشهور ملڪن ۾.

١٧- ڪو نہ سخي ڪو سر جو، ڏيهن ۾ ڏاتار
قوال سان ڪو نہ ڪيائين، "نيرها" ڏس تڪرار
سورت ڪيو سينگار، سنهري هلي سر سان.

هڪڙي ٿي آدمي واري وهڻ جهڙي واٽي
سوڀرو سائين، ايندو صبح تنهنجي سلام تي.

٢- پرهه ڦٽي ڏينهن ٿيو، آيو سو پيچل ولي پار؛
آهه وڃان ٿو ولايت ڏي، هي امانت تو آڌار
جي ڏيارجو ڏاتار، ته ايندس ڪلهي سر ڪنگهار جو.

٣- رکي آس الله جي، هليو پيچل ٻي ولات
سنڀالياٿين سردار ڪي، رڻ ۾ پيس رات
پکين مرڻ جي پٽ ۾، اتي جڙي جاهه جمات
پڏائين واڄو وڻ ۾، ڪا تونهين ٿون جي تات
سو هرڻ لڳي حيرات، ٿيو پيڙهه ۾ پڌرو.

٤- پيڙهه ۾ پڌرو ٿيو، چوها ڏنائين چانگ
آنڊا لنگيس انگهه ۾، آتي سوين ٻين سانگ
ڪالهه لنئيو ويا ڪانگ، محلي پاس ملوڪ جي.

٥- محلي پاس ملوڪ جي، ڪنڌري ڌان نه گهڙي
رکي آس الله ۾، پيو چارڻ وڻ چڙهي
هٿ لائي هراميو، پيس لڙڪ لڙي
هندي، سنڌي، عربي ۽ پارسي ويو پڙهي
سا جلدي جوان جڙي، اچي چاڙهي تار تنبي تي.

٦- چاڙهيائين تار تنبي تي، ٿو ويهي وڃائي
فڪر ۽ ڦندن سان، هو خاطو بند ڪائي
چئي: جيڪا آس الله ۾، منهنجي پرور پڄائي
پوءِ ڪنهين ويل ڪاهي، آيو جاجڪ جهوناڳڙهه ۾.

٧- جاجڪ جهوناڳڙهه ۾، هيو سرت سڄان
منگتن جي "محمود" چئي، هٿ ڪمي هئي ڪانه
هڪ راڳ ڪن راجاوٽ، پيو تڪڙي هڻن تان
ڪاٽن پيئن خوشي موٽن، دهرا ولن دان

ٻيجل ٻڌي ڏينهوڙا، اڇي رهيو ماڳ مڪان
اتي ڪيائين ارمان، ته ڪاڻهي واند وڃائڻ جي.

٨- هڪ ڏينهن حڪم ٿيو، چورڻين تند تنوار
آئيا سڀ آندوه موُن، ٿي سُتن کي سنڀار
ڪانءُ ٻڌي مون ڪڍهين، ڪا سهڻي سڀ ڄمار
جي ڏنس خوشيءَ سان ڪنگهار، سي ماڪ
نه ورتا منگتي.

٩- مالڪ نه ورتا منگتي، ڪيائين ڪڻڪ جو نه خيال
هت ماڪ موتي مهرون، مالڪ ڏنو آ مال
آيس داتهرا! تنهنجي در تي، ههڙو وڏي حال
ڪڍهن ڪيو اڻم ڪونه ڪو، ڪو سر وٺڻ
جو سوال
ٿيءَ هٿن سان حلال، ڏي سر سوالي منگتي.

١٠- جـيءَ آئين، نچ آئين، پاڪـ پلا پاڻيون
وٺيون اڻم وجود کي، تنهنجي وڏڻ جون وايون
دادليون درن تـي، دانهون ڪـن دايون
ڪيون پلي پلاڻون، ته سيئي ڪاڄ سٽاوا ٿيا.

١١- خان ڪلي خوش ٿي، هليو موڪلائڻ ڪان ماءُ
راضي ٿيءُ، رخصت ڏي، آهي اوهان ڏي الله
نيٺ تـ ويندو نڪري، پورو ٿـي پساءُ
ٻڌي پانڌ جو پڙلاءُ، وينگس سور وڏو ٿيو.

١٢- نالي منا نينگرا، ڪي ڏينهن گرنار ۾ ڪيو
ننيو وڏو نينگرو، ڪونهي اسـان جـو ڏي
وڇوڙي جو وڍ، شل قادر ڪنهن سان نه ڪري.

١٣- هي پيچ حرام ڪيم، هتئون جـو ان ۾ ٻاڻي
پري پير پريت جـا، مونکي امڙ آماڻي

ورنم راھ رب جي، ھڪ صحيح سچائي
ھت ھ وھائي، ڪر ڪو آڏو اڳ جو.

١٤- تون ڪٿان آيون ڪيرتيا! جو آئي وڏا اٿي وڇوڙا
ماڻڪ موتي مھرون گھوٽ پري وچ گھوڙا
ھائي ڏيئين ھنبارين سان، سي جنگ وٺي وچ جوڙا
ھي تو ڦٽي سڪ سورٺ جو، جنھن کي سورتيا
آھن سوڙا
ھاري جر جڏي تي ڳلن تان ڳوڙھا
ادا پيجل پوڙا، تون مال ڪٺي وچ منگتا!

١٥- مائي اوھان جي مال ۾، مونکي تر جي ناه طمعا
سڏيو اٿم سوالي ٿي، ڏيندو سير سما
پاندھ آيو آھيان پڙ ۾ لوڏي ڪنڌ لما
سوڌو منھنجو صاحب سان جو غازي بي گما
اسان کي ڙي اما، آھي عرض ڪرڻ ايترو.

١٦- تون ڪٿان آيون آھين ڪيرتيا! آئي وڏو اٿي ھن
محلي ۾ مونجھارو
سارو شھر راو ڪنگھار جو ٿيندو وري ويچارو
پوندو جو ڪو جھونا ڳڙھ کي، ٿيندو ڪوٽ
ڪڙھي ڪارو
ميج منت، محمود چئي، ھوندون سدائين سوپارو
ٿيندءِ محشر موچارو، اھو ٿي ور منگئين منگتا!

١٧- رکي آس الله ۾، مون ڪئي آ صدا ساري
ڏيندو نام الله جي، سورٺ آ سيمگاري
موڙ يلو آ محمود چئي جيڪو توڪيا قول پاري
ھي آھن پنا پساهَ جا، کھڙيون ڪئين کھاري
مون کي ڳالھ اھا تي ڳاري، پر ويٺو آھيان
گھري مٿو گھوٽ ڪان.

١٨- جيئن هـن جهانءِ، ڪاڻ بنا اتم ڪيئن
ڳهورون ڳهوريان ڳهوٽ تان، جيئن سانوڻ وسن مينهن
هاري پنهنجي ٻوڪ کي سنڌا ڪري سيئن
وڏيو مون کي منگتا تون تڪ وجهين پيو تيئن
جيڪي پنا ڏينهن، آهي جيئن راو ڳنگهار ري.

١٩- پان پلڙي آئيون، چڙ اهي بازيون بهانا
سيئي ڪم سولا ٿيا، ڪيو سائين سمانا
هر ڪوئي اتي چڙهندو، اهي ڪٿون خزانا
مجي رضا، محمود چئي، ٿيا روئي روانا
صوبا رهيا سچ ۾ جنگي جوانا
ڪنڌيون، ڪاتي وهي، ڏنا آڳي ايمانا
ڪيم سؤ سؤ شڪرانا، اج مٿو نيو مڱئي.

٢٠- پان پلي آئيون، توکي ميان ڏلو ملان
عقلدار اڳي هئون پيو سرت سجان
سؤدو آ صاحب سان هتي نان ء چڙهندون نيشان
جانب هي ء جهان، آهي محبت سين، محمود چئي.

٢١- جيڪي دانهه دلاسو ڪيئي، اتي پنهنجو پار
رک پاڪ پلتيءَ ڪؤن پري سچو سر سينگار
هتان ويندون هيڪلو، اڳيان هلندون ڏڻيءَ جي دربار
ور چڙهندون وات تي، اڳيان معبو ڪندئي سرڪار
پڙهه پنجئي وقت نماز جا ليهلي روزا نرٿار
چڙهه جنگ جهاز تي، تيءَ ڀهرئين پتو پار
اها ڳالهه اجار، جنهن مان محشر موچارو ٿيئي.

٢٢- ڏيئي سر ڏياچ ٿيو مرڪي موچارو
وڳو دين ايمان جو نوبت نغارو
پيجل کي پيءَ ولات ۾ مرن ڪيو مارو
ڪامين کهي چڙيو وڏي ويچارو

پڪي پوڪ پريت جي لٿو لابارو
ڪٿي داٿا خير سان ويندو ويچارو
ايندو احمد عربي عالم اجارو
بيشڪ هلندو بهشت ڏي سات ولي سارو
اونداهيءَ ۾ سوجهرو ڪندو سيد سوپارو
ياد پڙهو يارو، ڪلمون راس رسول تي.

لا إله إلا الله محمد رسول الله

انهي ويل الهڏنو ڇني، هن کي تن ۾ وکيو تلوُ
سو منگتو سوچار، سدا رهيو سر ۾.

٦- حي حقيقت حال جي، من ۾ کيائين مدام
پڙهيائين پرت سان، سندو نرمل نام
سچي منڊ سرير ۾، کهيائين کلام
پر سندو پيغام، ان کي آيو هو، الهڏنو ڇني.

٧- خي ٿون خاص خدا کي، ساراهيو صابر
منهنجا مطلب موٽئي کج، ڏيهه ڏٺي ڏاتر
اکهائجان الهڏنو ڇني، سوال منهنجو سرور
پورو ڪجان پرور، مطلب منهنجي من جو.

٨- دال ٿون دم دم دل ۾، هن ستايو سبحان
۽ سخي کان سير جو، وٺي اچان دان
اهي وجي ارمان، اندر مان، الهڏنو ڇني.

٩- ذال ٿون ذکر زبان سان، پيچل پاڪاريو
پر ڏيهان پند ۾، جنهن سائين سنياريو
راڳ پنهنجي روح ۾، هن طرحي تواريو
تنهن پلپل پوڪاريو، الهڏنا، الله کي.

١٠- ري سندي روح ۾، چارڻ چوريو چنگ
چاڙهي ثابت ساز کي، اٿلايائين انگ
ڏٺو هو ڏياچ جو، راڳ ڀنڊڙ رنگ
سندو پيچل پنگ، خاوند خالي نه ڪرين.

١١- زي زياده ذوق مان، نر هنيو نارو
سنياري سردار کي، ٿيو سواني سونهارو
آهي سوداگر سر جو، منگتو سوچارو
والي ڏي وارو، الهڏنا عليل کي.

١٢- سين ساز سرمنڊل کي، وڄائيو وير

سوالي٫ کي سير جي، اندر منجهہ اکير
الهڏنا اصول کي، صاحب ڏيندو سدير
پوريون ڪجان پير، مرادون مکتي جون.

١٣- شين ساڻ شڪر جي، ڪئي ڪاريگر ڪاهہ
ڪندو آيو قلب ۾، سندي سير صلاح
ڪيائين عرض عجيب کي، هي آزيون پڏ الله
آڳا ڪر عطاء، هن راڳي٫ ساڻ رڻ ۾.

١٤- صاد ٿون سنجهہ صبح جو، پانهہ پنڌ پيو
سچي مند سفر ۾، هن قافلو ڪيو
اوڏو الهڏنو چئي، وڃي وير ٿيو
چارڻ ات چيو، سهرو تنهن سلطان جو.

١٥- ضاد ٿون ضداري چيو، مونکي داتا ڏيندو دان
ان عاصي کي، الهڏنو چئي، مولي ڏيندو مان
الله لڳ احسان، ڪندو هن ڪيرت سان.

١٦- طوئي طلب تمام ڪئي، جاچڪ سندي جي٫
عاشق در الله جي، هام هنئي هي٫
الهڏنا ارشاد جو، پيو رحم نہ ڪندو رب ري٫
منجهان والي وي٫، ڏاتر ڏات ڏيدار مون.

١٧- ظوئي ظاهر زبان سان، هن بڙي چئي بات
سارا هيائين سبحان کي، دم دم ۾ ڏن رات
ڪيائين ڪلتار جي، منجهان لوڻ لوڻ لات
هيس وائي وات، الهڏنا الله جي.

١٨- عين ٿون عجب اوڏڙي، ڏنائين ڏولي
چارڻ لائي چنگ تان، چاهہ وڏي چولي
راڳيندڙ راڳ جي، پيچل ڪئي پولي
ڪاتم ات کولي، وائي سر وڻ جي.

١٩- **غين** شهر غنيم تي، اچي نر جي ٻئي نظر
پڙهيائين پرت جو، سبق مان صبر
لڌي سڌ خبر، جاجڪ انهيءَ جوءِ جي.

٢٠- **ڦي** ٿون راڳ فضل جو، ان فائق فرمايو
منبر مهنجي من ۾، منگتي مچايو
الهڏنا استاد کي، سائل ستايو
عطائي آيو، گوهر ڪيئي گرنار ۾.

٢١- **قاف** ڪامل هيٺان ڪوٽ جي، صادق وڄايو ساز
انهيءَ وقت الهڏنا، هن تي ٿيو رحماني راز
عاشق جو آواز، ٻڌو راجا رنگ محل تي.

٢٢- **ڪاف** ٿون ڪاريگر کي، سڏايو سلطان
وڃي حاضر ٿيو حضور ۾، ان سان آگي ڪيا احسان
ڏي حقيقت حال جي، تون پلي آيون پان
ڇا جو سوالي آهين، خبر ڏي مون خان
تو کي ڏهرا ڏيان دان، امر جا الهڏنو چئي.

٢٣- **لام** لائق تو چوان، سڻ منهنجو سوال
تو در آيو آهيان، هڙو ونءِ حال
ٻڌ ٻيجل جو چئي، الهڏنو احوال
پلا ڪر تون پال، ڏي سر سبيل الله تون.

٢٤- **ميم** انهيءَ مذڪور جو، پهچايائون پيغام
سڻي ڳالهه سورٺ کي، ٿيو خطرو خام
ڪاڻ ان جو ختم ٿيو، ٻي نيڻين ننڊ حرام
وهي جنهن کي وهه ٿيو، تن ۾ تات تمام
سڪ نه آيس سيج تي، مجروح ٿي منجهه مام
گهرايائين گهوٽ کي، ڪري مت مدام
سو راجا رنگ محل ۾، آيو مٿي انجام
ورتدي ڏي وريام، ڦهريءَ تنهن ڪيرت جي.

سڀني سينگاري سر ڏنو، هيمان جهلي منجهه ٿار
ڦهري وڏي ڪسٽ سان، ڪيڏو ڪات ڦهار
وري تنهن ويري ڪڍي، سري ڏڙ ڪلان ڏار
ڪلمي جي قطار، ڏنائين سير نام الله جي.

لا اله الا الله محمد رسول الله.

١- چارڻ چنگ ڪُلهي ڪري، هليو هينياڻين
چارڻ وڏا چنگ ڪي جهُوڙا ۽ جهاڻين
سپاجها سائين، راءُ ريجهائين راڳ تي (١).
٢- جهڙو مرڪڻ منگتي، تهڙو ٿي ڏاتار
سباڻي سورٺ ورڪان نهُن ڪيو نهڪار (٢)
تنهن ڪي اچي چارڻ چوريو، هيءَ اڳئي ڏيٺهار
٣- پاٽ پهرين رات ۾ ڳڙه پاسي ڳايو
"گـُلو" چئي گرنار ۾ ڪو آتاهي آيو
سالڪ ساز سَرُوَز ڪي، ڪي ٿي ڪمايو
آيو سر سوالي منگتو، اچي ٻيجل ٻولايو (٣)
٤- ٻيجل ڪي ٻيءَ رات جو سڏايو سلطان
ڪڏهن ڪونہ آئيو، ٻير تنهنجي ٻان
چوري چنگ چنج تون، ميان مهربان (٤)

(١) ٻيو چاپو:- الله جي آس ڪري هليو هيائين
چارڻ ٻڏا چنگ ڪي جهوڙا ۽ جهائين
اچا اوڍي ڪپڙا ميرا لاٿائين
ڏولي راو ڏياچ جي ڏوران ڏٺائين
واليءَ سر ويٺي تنهن دم ڪيائين
چئي: سپاجها سائين، راو ريجهائين
راڳ تي.

(٢) ٻيو چاپو: سپاجهوسورٺ ورنَهَنُ نہ ڪندو ناڪار
هي اڳيئي ڏيٺهار، تنهن ڪي چارڻ چاريو.

(٣) ٻيو چاپو: پاٽ پهرينءَ رات جو ڳڙه پاسي ڳايو
سالڪ سازسروز سان ڪي جو ڪمايو
ٻيو غاغلو گرنار ۾ تہ ڪو آتائي آيو
اچي ٻيجل ٻولايو، آهيان سرسوالي منگتو.

(٤) ٻيو چاپو: ڏهڏهہ ڏيندو سانءَ منگتا روح رچندا دان
تيءَ ميان مهربان، چوري چنگ چنج تون

٢٢- چارڻ ڪٺي چنگ، اچي ويهي وڄايو
شهر سيوئي سُر سان هن جي تندن تپايو
دايون درمانديون ٽيون، پاين پاڏايو
ڪو ماري آيو، توهي مٺي منگتو.

٢٣- آهُه، مٺي ڏي منگتا، چڙهي ڇ چوڏول
توکي راو گهرايو، راجا منجهان رتول
بيجل توسان پول، ڪيائين وهائيءَ وڻ جي.

٢٤- سورٺ، مگڻهار ڪي، زال پري جانا
اسين بڻي پر چٺا، بيجل جا پانها
چڏ تندن جا طعنا، مڙي وچ تون منگتا.

٢٥- چل ته چارڻ تو ڏيان، پره پٺولو ايڪ
منٿ نه مڃين منگتا، آهين وڏو نيڪ (١).

٢٦- چل ته چارڻ تو ڏيان، پره پٺولو ڏيڍ
منٿ نه مڃين منگتا، آهين وڏو ڍيڍ (٢).

٢٧- چل ته چارڻ تو ڏيان، پره پٺولا اڍائي
ڪڏهن ڪونه پيه آئيو ڪڙهه مٺي ڪمائي
سالڪ ستار ڪري مڙي وچ پائي (٣).

٢٨- چل ته چارڻ تو ڏيان، پره پٺولا ٽي
تازي طويلن مان وٺئي سي ٿي
محب منهنجي ڪي، ٿو گهر م منگتا!

٢٩- چل ته چارڻ تو ڏيان پره پٺولا چار
جهل مائڪ، پند موڙي، ڪراڪين جي ٻار
رائي ڪيم رڻا، منٿ مڃي وچ منگتا!

(١) ٻيو ڇاپو: آهين وڏو نيڪ، منٿ مڃ تون منگتا.
(٢) ٻيو ڇاپو: آهين وڏو ڍيڍ، منٿ نه مڃين منگتا.
(٣) ٻيو ڇاپو: وچ مڙي پائي، سالڪ ستاري ڪري.

٢٤- عشق راهہ ڏياچ کي جنهن سر ڏني ڏيکاريو
ٻيو عشق مارئي کي، جنهن نہ ڪيو ناڪارو
ٽيو عشق سورٺ کي، جنهن سٽي٭ سٽ ساريو
چوٿون عشق ٻيجل کي، جنهن ٻول پنهنجو پاريو
پنجون عشق چارڻ کي، جنهن ڪاندٽان جي ڪاريو
لعنت انيراءِ کي جنهن پير وڌو پاسارو
پنجئي پيا مسچ ۾ ڳنهين ويچارو
ميئي سرها ٿيا، ڪيائون ڪم سوپارو
وڏو نالو رام جو، جو سڀ ٽئي موچارو (١)۔

---

٦- هني پٽيي سا پيٽ سان، تنهن کي تکو آيو تاءُ
ذڪري پالڪ پاءِر ٿيو، لهہ ڦهہ ڪري لڪاءُ
چڏي چورو ماءُ، وڃي ور چڙهيو مائهن جي ۔
٧- مگر موڙن پيدا ٿيو، تنهن مگريو چواءيو
تنهين منجهان راج ٿيا، تن مگريا سڏايو
پرور پيچايو، مطلب تن جي من جو ۔
(١) ٻيو چاپو: سڀ ٽئي موچارو، وڏو نالو رب جو ۔

ٻيجل سان جيڪي مٺا مٺا ھٿس، سي ھنيائين؛ پر ھو نہ مڙيو. آخر ٻيو ڪو حيلو نہ ڏسي پنھنجي ھٿ سان سر وڍي، چارڻ کي اُچلائي ڏنائين. چارڻ مٿو کڻي انيراءِ وٽ رڙندو رھيو.

ھن حادثي جي خبر ھنڌين ماڳين ھلي ويئي ۽ ٻيجل جي اچڻ کان اڳ انيراءِ جي ڪن تي بہ وڃي پيئي. جڏھن ٻيجل سر کڻي انيراءِ جي ڪچھري ۾ آيو، تڏھن انيراءِ پريان ئي ڏھڙ ڏيئي چيس تہ "ڪميڻا! جوڳي وڃان ھھڙي سخا جي صاحب سان بہ ڌ، ڳٺين، سو اسان سان الائجي ڪھڙا ڪلور ڪندين. اڄ کان وٺي تون اسان جي ملڪ ۾ رھڻ جي لائق نہ آھين، ھڪدم ھليو وڃ. خبردار! جي منھنجي ملڪ ۾ وري پير پاتو اٿئي." ٻيجل جا ڇھہ ئي ڇڄي ويا، ۽ ٻن وڻڪ جا وڍ پوڻ لڳس. پوءِ تہ مٿوالن وانگر جھونا ڳڙھہ ڏي ڊوڙندو ويو. جڏھن شھر جي ويجھو اچي پھتو، تڏھن ڏسي تہ ٻاھہ جا مچ پيا ٻرن؛ ۽ سورٺ ڏاڍھہ چڙھي، ستي ٿي رھي آھي. پاڻ بہ ڏوڪيندو مچ ۾ ڪاھي پيو ۽ جلي ڀسم ٿي ويو.

چيٺين تہ : ترار رڪ جي ٺهرائي، ڪنڌ تي رکـــي، زور ڏي تہ سير ڪٽجي پئي. راهہ ڏياچ حو سير ڪپيو، پيجل تـــري* رکيو، پر رت جو ڌڏڪو ٿيو تہ گهبرايئين. سير ڪٽيل چيس تہ: راڻيون رنڙيئي، بادشاهي برباد ڪيئي، هاڻي سير تہ ڪن.

مٿي منهنجي تي مڱڻا، جيئن ڪوڙيون هجن ڪپار
تہ واري واري ويهان، تن سيرهن کي سئو وار
تہ پڻ تند تنـــوار، تنهنجي سٽاهـــون مڱڻا.

سير ڪٽي انيراءِ وٽ پهتو، انيراهہ چيس تہ ظلم ڪري چڏيئي.

ههڙو ڏاتار سير جـو، ڪڏهن ڏٺوسون نہ ڪو
مارپندي ملوڪ کـــي، ترس نہ ڪيئي ڪو
مڱڻا منجهان تو، هاڻي آهي جو ڪو ٻاسان جي جيءُ ڪي.

انيراهہ لڏائي ڪيئس ملڪ مان. سورٺ آڙاهہ تيار ڪري، ان ۾ لهي. پيٺ سان هئي، ٻار آڏالو، وجهي ٻاهر پيو. مڱريا انهن مان ٿيا.

اتي انهن وٽ سرنديءَ تي راڳ سکڻ لڳو. ڪيس اها خبر هئي ته راءِ ڏياچ راڳ جو عاشق آهي، ۽ ڏاتار به آهي، تنهنڪري بجاءِ پيءُ حرفت جي ڏٿيءَ جي ناليءَ تي ڇونهه وجهي سر ڪٽهانس. پوءِ سرندو پاڻ سان کڻي، هڪڙي ڪهاڻي جهنگ ۾ آيو. اتي ڪنهن شڪاري هرڻ جا آندا، ڏينگرن تي اڇلي ڇڏيا هئا، جي اتي سڪي سخت ٿي پيا هئا، ۽ هوا جي جهوٽي تي آواز ڪرڻ لڳا. انهن مان آواز اهڙو ته سريلو ٿي نڪتو، جو ان جي ٻڌڻ لاءِ ڪيترائي جهنگلي جانور اتي اچي ڪٺا ٿيا هئا. پيڄل به اهو آواز ٻڌي اتي بيهي رهيو. ڏسي ته پيا به جانور اتي ڪنڌ نوايو بيٺا آهن.

روايت [٦]

## سگهڙ ڦل ٻجير جي ٻڌايل ڳاهن ۽ بيتن سان ڳالهه*

سورٺ سنڌ^ ڪنل، ديس ڪيي جات وڏي پرمار^
پيئي راجا ٻوج ڪيي، سا تاري سمنڊين پار
انگ اصل ڪان لکيو، پالي رتن ڪنيار
مگ انيراءِ جي، پرڻيو راءِ ڪنگهار.

راجا ٻوج کي 'سورٺ' ڌيءَ ڄائي. ڪيس چيائون ته سورٺ جو لکيو برباد ٿيندو، تڏهن آها پيتيءَ ۾ وجهي لوڙهاياائين، جيڪا رتني ڪنيار کي هٿ آئي.

ڪنجيون ڪامل هٿ ۾، پيتي پٽيائين
جان منجهه ڏٺائين، ته اجان ٻالڪ ننڍڙي.

---

اجان ٻالڪ ننڍڙي، سا نالي ميٺي نار
تيجهن آهيئس پٽ جا ريشمي رنگدار:
ڏني جا ڏاتار، ساڏي ڌرم جي ڪري سانديهان.

رتني ڪنيار، سورٺ پالي وڏي ڪئي. رتني ڪنيار، سورٺ جو مگ انيراءِ کي ڏنو، پر سورٺ جي سونهن جي خبر راءِ ڪنگهار کي پئي، سو انيراءِ جي اڇن کان اڳ سورٺ کڻي ويو. تڏهن

اٺڪيو انيراءِ، پڇي وزيرن کان (١)
ڪو ڳڏ ڪيٿهيين، جنهن نه منهنجو ڏاءُ؟

وزير ورائيو ته:

توهان^ عقل آڪرو، توهان^ مٿي سڄاڻ

---

* هيءَ ڳالهه اسان ٿر جي سگهڙ ڦل ٻجير کان شهر مٺي ۾ تاريخ ١٨- سپٽمبر ١٩٧٣ع تي سنڌس زباني قلمبند ڪئي.
(١) کيوءَ = خوش، اٺکيو = ڪاوڙيو.

پيچل جواب ڏنس تہ:

اي تنبي جا داتا، مـون مورهين نہ مڱيا
جا ناڪَر مُنهن مٽيا، تنهن سوالي آهيان سِر جو.

وري سورٺ چيس تہ:

جهل تہ چارڻ تو ڏيان، پهر پٽولو هڪ (١)
ڪڙا، ڪيئَر، ڪُڙتيون، ساج سونيرا ڏيڪ (٢)
سندو راڻين حق، تنهن ڪي مٿو نہ گهر مڱٽا!

---

جهل تہ چارڻ تو ڏيان، پهر پٽولا ٻہ
سِر ڌاران، سورٺ چئي، ڪپڙي سو نـي
هاٿي ڏيانءِ هڪڙو، جنهن ڏني چٽي ڏيه
پر محب منهنجي ڪي، مٿو نہ گهر مڱٽا.

---

جهل تہ چارڻ تو ڏيان، پهر پٽولا ٽي
محب منهنجي ڪي، مٿو نہ گهر مڱٽا.

---

جهل تہ چارڻ تو ڏيان، پهر پٽولا چار
گڏ ڏيئين گرنار جو، پيو سيئين شاهوڪار (٣)
هڪڙو چڏ ڪنگهار، تہ سامي ٿيان سڄ جي.

اي پيچل! جي ڪنگهار جيئي تہ اسين بادشاهي ڇڏيون ۽ هو سامي ٿئي ۽ آءٌ سامڻ ٿيان ۽ ٻئي هليا وڃون:

جهل تہ چارڻ تو ڏيان، پهر پٽولا پنج
تازي طبيان ۾ سونا مٿن سنج
محب منهنجي هنج، تنهن ڪي مٿو گهر نہ منگتا.

سورٺ چيس تہ: ماڻڪ موڙيون ڪري ٻڌي ڪن، ۽ ڪڙن وارو قلعو (ڪوٽ) بہ تنهنجو ٿيو.

---

(١) پٽولو = سڄو ريشمي ڪپڙو (٢) ڪڙا ۽ ڪڙتيون جيڪي تون پايو ويٺو آهين، ۽ پڻ ڪينر تو وارو، اهي ڏيڪ. سوليرا = سونهرا، سون جا.
(٣) سيئين = سيئون

۽ ٿيپي ٻئي، سورٺ ۽ چارلياڻي ٻئي ڀيڻ سان هيون. ڪنهن هڪڙيءَ جي ڀيڻ مان ٻار ٻاهر اچي پيو، سو مگربو ٿيو. ڳالهه جي انهي ٿالي بابت ڪنهن سگهڙ چيو ته:

هڪ مرنــــدي ٻه مئا، ٽيئن مرنـــدي چار
ڇٽين مرندي ڇهه مئا، سُـــرنيا ڪـر ويچار
مگر مان ٿيا مگربا، ســي ٻـــه ســي جا ٻار.

# ٿرپارڪر واري طرف جو راڻڪ ديوي ۽ راءِ ڪنگهار وارو قصو

راڻڪ ديوي ۽ راءِ ڪنگهار جي قصي جون ٻه روايتون، هن کان پوءِ شامل ڪيون ويون آهن: ٿرپارڪر سان تعلق رکندڙ هڪ (ص ٢٤٧–٢٤٨) ۽ ٻي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل ڪتاب مان (ص ٢٤٩–٢٥٣). انهن روايتن جا ڪي ٿورا نڪتا سنڌ واري قصي سان مطابقت رکن ٿا. هن روايت جو مدار البت سنڌ واري قصي جي مکيه نڪتن مطابق نه آهي، جنهن ۾ راءِ ڏياچ، ٻيجل جي ساز تي ريجهي سِر ڏنو. هن قصي ۾ ڪنگهار هڙميتي ڪنڀار جي ڌيءَ کي زوري کڻي ورتو، جنهن تي سدراج مٿس حملو ڪيو، ۽ ناڪام ٿيو. ٻيجل ۽ ڏيجل راءِ ڪنگهار جا پاليجا هئا، تن تي شڪ ٿيس ته راڻڪ ديوي ۾ ٻري اکِ اٿن، سو ڏيهه نيڪالي ڏنائين، جيڪي پوءِ سدراج جا مددگار ٿي آيا، ۽ ڪنگهار کي ماريائون.

هن قصي جو تعلق پڻ ٿرپارڪر جي سنڌ واري علائقي سان آهي، پر جيئن ته ڪردارن جي نالن ۽ قصي جي مرڪزي خيال ۾ گهڻا اختلاف آهن، تنهنڪري هن روايت کي، سنڌ واري قصي کان الڳ ڪري هڪ مستقل ۽ جدا روايت طور رکيو ويو آهي.

نيٺ هلندا هلندا اچي "وڏواڻ" جي شهر ۾ پهتا. اتي راڻڪ ديوي اڳتي هلڻ کان پڙڪڏي بيهي رهي، ۽ چئي تہ آءٌ ستي ٿينديس. پر سڌراج ماڻهن کي منع ڪئي تہ ڪوبہ هن کي ٻاهہ آڻي نہ ڏئي. قدرت سان ان وقت واءُ لڳو، جنهنڪري واريءَ جو ڍڳ تي ويو، ۽ ان کي باهہ اچي لڳي. راڻڪ ان باهہ ۾ سڙي ستي ٿي.

پدمڻي لـــي سات، پـــچو پالـــڻ آوتـــان
راڻڪ نـاٿ اناث، ستـــي ٿـــي وڏواڻ ۾.

انهيءَ جاءِ تي اڄ بہ هڪڙي ڏيوري اڏيل آهي.

## (ب) ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل ڳالهه *

ڪنهن سمي سنڌ ڏيهه ۾ راڻو روڙ پارسنگ 'پاڙر' جو حاڪم هو. سڪي سڪي ڪيس هڪ نياڻي ڄائي، جنهن جو حسن ڏسي، سڀئي حيران ٿي ويا. پر سندس ستاري مان معلوم ٿيو ته جيڪو راجڪماريءَ سان لائون لهندو، تنهن جو تخت بخت تباهه ٿي ويندو. نجومين جي هيءَ اڳڪٿي ٻڌي، راڻي کي ڏاڍو ارمان ٿيو؛ سو هن نياڻيءَ نينگر کي ڪاري ۾ وجهي ڪٽي بن ۾ ڦٽو ڪرايائين. قضا سان؛ ڪڇ ملڪ جو هڪ ڪنيار، هرمتيڻي نالي، ان جهنگ مان اچي لانگهائو ٿيو؛ ۽ اوچتو سندس نظر وڃي ڪاري تي پيئي. ويجهو وڃي ڏسي ته هڪ سدا سهڻي نينگر منجهس ستي پيئي آهي. اهڙيءَ مز موهڻيءَ معصوم ڙيءَ کي هيڻن نڌڻڪو ڏسي، ڪٽي ڇاتيءَ سان لڳايائين؛ ۽ پنهنجي گهر آڻي، ڪيس وڏي لاڏ ڪوڏ سان نپائڻ لڳو. نينگر جا روش راجڪمارين جهڙا هئا، سو هن مٿس 'راڻڪ ديوي' يعني 'ننڍڙي راڻي' نالو رکيو. جڏهن عمر رسيدي ٿي، تڏهن سندس سوڀيا سڄ کي به شهه ڏيئي ويئي ۽ سندس حسن جي هاڪ ڪڇ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هلي ويئي. اتي جو حاڪم لاکو ڦلاڻي اڻ ڏٺي مٿس موهت ٿي پيو، ۽ هرمتيڻي کان سندس سڱ گهريائين؛ پر هن ناٻري واري. پوءِ ته لاکي جي دٻپ وچان ديس پرديس ڪري، جهونا ڳڙهه جي چڪ ۾، مجيوڙيءَ نالي هڪ وسيءَ ۾ وڃي وطن ڪري ويٺو.

ساڳئي زماني ۾ گجرات جو حاڪم راجا سڌراج هو، جنهن جو تختگاهه انهلواڙ پاٽي هو. هڪ لڱا سندس دربار جا چارڻ گهمندا ڦرندا، اچي مجيوڙيءَ ۾ نڪتا. اتفاق سان راڻڪ ديوي کي ڏسي ورتائون. سندس لاثاني جمال ۽ جوڀن پسي، سڀني جي دلين ۾ اها آرزو ٿي ته اهڙي پدمڻي اسان جي راجا جي ٿي راڻي سونهي. جڏهن موٽي ملڪ آيا، تڏهن راڻڪ ديويءَ جي حسن جي ڳالهه راجا کي سربستي ڪري ٻڌايائون. راجا پڇريائين ته ڪنيار جهڙي گهٽ ذات

---

* شاهه جو رسالو، (گربخشاڻي) جلد - ٣ تان ورتل.

# پاڳو ٻيو

# هير - رانجهو

# هير ۽ رانجهي جو سنڌ ۾ هلندڙ قصو

هي قصو موجوده صوبي پنجاب جي ضلعي جهنگ جو آهي، جيڪو اڳاڻي وقت ۾ سنڌ جي سرحد سان لاڳو هو. انهيءَ ڪري هيءُ قصو سنڌ ۾ به رائج ٿيو، پر سنڌ ۾ مڪاني طور هن قصي جي سٽاءَ ۾ البت فرق آيو. سنڌ ۾ هلندڙ هن قصي جون چار سنڌي روايتون هتي شامل ڪيون ويون آهن: (۱) مولابخش ميراثي جي زباني قلمبند ڪيل ”مسو پڙ ڳوٺ جي ميراثي فقيرن واري روايت“. (۲) سچل جي ڪلام مان هير-رانجهي جي داستان بابت چئن بيت. (۳) سيد حيدرشاه جـــي بيتن ۾ چيل ڳالهه ۽ (۴) سگهڙ شير محمد لغاري جـي ڏکهي بيت تان ترتيب ڏنل ڳالهه.

محبت پيدا ٿي. آتي چار ڏينهن رهي، سڀڪ حسب پوري ڪري وري پنهنجي وطن آيا.

پوءِ انهن زماني جي دستور مطابق وقت پٺي گذاريائون. جيئي جيئي آخر مرڻو آهي.

هير شهزادي پنهنجي مائٽن جي سڪ ۾ اداس ۽ بيمار ٿي پئي، ۽ پنهنجي عاشق رانجهن کي چيائين: سمجهان ٿي ته آخري وقت آهي. مون کي پنهنجي وطن ۾ هڪ دفعو وٺي هل. منهنجو بچڻ مشڪل ٿي سگهندو. شاه رانجهن به ڏٺو ته هن وفادار کي رنج ڪرڻ جائز نه آهي، سو سندس وطن ۾ وٺي آيو. پنهنجي مائٽن سان مليءِ، ڪجهه وقت زنده هئي، ان کان پوءِ وفات ڪيائين. شاه رانجهن پنهنجي هٿ سان تهراج ڪرائي، مزار ٺهرائي، ڏاڍا پڇر افسوس ڪري، پنهنجي وطن وارو ٿي آيو.

پنج پنج چار ڏهاڙي اي ديدار چمن
باهر پڦ نه نڪلي اندر مچ ٻرن
سچ جنهان دي دوستي، ڪامي قول ملن.

## روايت [٢]

# سچل جي ڪلام مان هير رانجهي جي داستان بابت بيت*

١- چڏي ملڪيت مال، رانجهو رڻ چڙهي هليو
قسمت ڪيس ڪنگال، نہ نہ حاڪم هو هزار جو.

٢- حاڪم تخت هزار هو، قسمت ڪيو ڪنگال
مسڪينيءَ جو مرد ڪي، خطرو نڪو خيال
محبت مستانو ڪري، هڙو ڪيڙس حال
ڇڏي جهنگ سيال، حسب نہ تخت هزار جي.

٣- مالڪ انهيءَ ملڪ جو رانجهن مان راجو
الفت ڪان عطا ٿيو، ڏکن جو ڏاجو
عشق ڪيم آجو، دنيا جي ڪل درد کان.

٤- مالڪ تخت هزار جو، رانجهو آءٌ راجا
ڪاني مون ڪي قلب ۾ قرب هڻين ڪاجا
ڏکن جا ڏاجا، لکيا هئم لوح ۾.

٥- شاهي هئم شان، دلبر پنهنجي ديس ۾
اتان آيس اوچتو، ڪٿي سورن جو سامان
ڇا منجهارون ڇا ٿي آيس، اهو اٿم ارمان
حيرت ۾ حيران، مون ڪي هير هتي ڪيو.

٦- رانجهو هس راءُ، مالڪ پنهنجي ملڪ جو

---

* رسالو سچل سرمست، مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٥٨ع تان ورتل. ”سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هو، پنهنجي ڪلام ۾ ”سچو“ ”سچل“ ”سچيڏنو“ ۽ ”آشڪار“ تخلص ڪم آندا اٿس. درازن جي ڳوٺ ۾ سنہ ١١٥٢/١٧٣٩ع ۾ ڄائو هو. نوي ورهين جي ڄمار ۾ ١٤- رمضان ١٢٤٢هہ/١٨٢٩ع ۾ وفات ڪيائين، سندس درگاه ’درازن‘ جي ڳوٺ ۾ آهي.

اديون! عشق انڌو ڪيو، پيڙم ڪين سماءِ
گهورن ڪيم گهاءُ، هتي اچي هير جي.

٧- اچي اوڪو مون هيو، هاريون! آندم هير
پنهنجي لکئي پاڻ کي، ٻاڙڻ پئي تقدير
ڪام هلي تدبير، قسمت قيدالماء سان.

٨- جوڳيا ويس ڏڪي، لاٿم سڀ لباس
پٽ پنهنجي بافتا، نپٽ ڪيم ناس
ڪيو نينهن نراس، دنيا جي دردن ڪان.

٩- مون کي ماءُ ڪيو، چوچڪ ڏيءَ چريو
عقل هوش نيو، منهنجو محبت وارئين.

١٠- چوچڪ ڏيءَ چريو، مون کي ڪيو ماءُ
پيڙم ڪونه سماءُ، آيل عشق انڌو ڪيو.

١١- شاهه هزاري هوت کي، محبت ڪيو ميهار
عاشقن کي عار، ڏهڙو آهه قريب ڪان.

١٢- مور نه محبت کان مڙان، هتي اچي هاڻ
هڻ ڪينين جي ڪاڻ، ٻئون چار ٻندس ٻوٽ جون.

١٣- ٻئون چار ٻندس ٻوٽ جون، ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ
اها روح رهاڻ، مَن ٻي ميلي محب سان.

١٤- ڪاڻ ڪينين جي ڪاڻ، ٻليين ٽيس ڪنوار
من مون ملي ٻار، لهن ڏولاوا ڏيل جا.

١٥- نورنگ ندورو، ڪيڙو وجهان ڪوهه
رانجهو منهنجي روح، سدا وسي تو سرتيون.

١٦- ڪهڙي نا مهڙي، مولي مونکي جيڏيون
جهنگ سچو ڏهڙي، تنهن رانجهن منهنجي روح.

١٧- ڪيڙو وجهان ڪوهه، نورنگ ندورو
دل اٿم ديرو، هزاري جي هوت جو.

۱۸- واحد شال وجهين، چڱي چوچڪ چيت
پرور رکين پت، سدا سڪ وارثين.

۱۹- ريجهي روح رانجهن سان، ڪپڙو ڪپڙتال
وڏون وجهي وچ، چوچڪ ڏس چنڊال
مادر مٺا ڏئي جهجها، جهيڙي جهنگ سنڀال
مٺو مون ميهوال، مون کان مور نه وسري.

۲۰- هر هر ويٺو هير جي، رانجهو ڏسي راهه
ويٺو وڃائي ولجهلي، چاهون تي چناهه
سانڍيو وتي ساهه، سچل سور سڄڻ جا.

۲۱ لوڏي ڪيڏائون لوءِ مان، رانجهن رنزدار
جاڙي هليو جان تي، جوڳين جو جنسار
مرلي مٺيادار، چوريئون وتي چاهه مان.

۲۲- الستي آواز ڪو منهنجي ڪن پيو
هردي اندر هير جي، آهي ڪونه بيو
مرليءَ مست ڪيو، جوڳيڙن جي جهڏيون.

۲۳- ڪاريهر قتال، گودين وڏا گودڙئي
منڊيو وتي منڊسان، ناڳ اسورا نيل
رانجهن جي رسيل، مرليءَ مستانا ڪيا.

۲۴- مرليءَ تي تنهن مرد جي ڪنيا ڪاريهرن ڪر
ٻير چڏي ٻاهر ٿيا، نيلا نڪري نر
زهري منجهه زهر، جوڳيڙي جهتي وتا.

۲۵- جن کي اڏيون اوچتي، ڪاٽيو ڪاريهر
تن جي خاص خبر، ڄاڃيو جوڳيڙن کان.

۲۶- ڄاڃيو جوڳيڙن کان، تن جي خبر خاص
ناڳن ڪيا ناس، سنگهه سان سٺون متي.

۲۷- پر مان ٻاهر نڪري، ڪاري ڪنيا ڪر
ڏر انهيءَ جي ڏر، جهين ڏر نه ڏيهه ۾.

٢٨- سَپُ سُڄاڻون ڪينڪي، جو ڳين ماري جڪ
جنين سُنگهيو ڪڪ، سياڪا ميٺي ٿيا.

٢٩- ڪُنڌيل ڪنن ۾ وڌي، خان چڙي خاني،
جوڳيسر جاني، راويءَ طرف رَوِي هليو.

٣٠- راويءَ طرف رَوِيو، جوڳيسر جوان
هيڪر هير اکير ۾، مرد ٿيو مستان
سورن جو سامان، سچل ساڻ کڻي هليو.

٣١- چڙي چاهه چناب جو، راويءَ ڏانهن رَوِيو
مُرليون سُرليون وڄهليون، وڄائيندو ويو
ٿانيڪو ٿيو، سو نانگو نورنگ پور ۾.

٣٢- جوڳي آيو جوءِ ۾، مترڪٿو مَنڊار
مرليءَ مستانا ڪيا، جنهن جي لک هزار
ڪاريهر ڪردار، نيلا نات نوائيا.

٣٣- مَنڊڙا مڙهي، جوڳي آيو جوءِ ۾
پڙهيو سو پڙهي، مَنڊڙا محبوبن تي.

٣٤- ٽنبڙيون تن تنڱي، جوڳي آيو جوءِ ۾
ڪنهن جي قرب ڪٺي، رانجهو روليو رڃ ۾.

٣٥- نيٺيءَ نورنگ پور ۾، ويهڻ وهه ٿيو
ڏوراپا نه ڏيو، جنهن جو چاهه چناهه سان.

٣٦- نيٺيءَ نورنگ پور ۾، ويهڻ ٿيو وهم
قسمت ڪاريا ڪمڙا، مانڊيءَ لڳو مينهم
ورهئون ڪيڊي وهم، ورهه سندي واسينگ جو.

٣٧- هاريءَ پڌي هير، مرلي ڪٺي مَتگن
”سچو“ وسري ڪينڪي، ويچاريءَ وچن
لانگوٽيءَ لڳن، ليکيو جنهن جو لوح ۾.

٣٨- هتي ڪير هئيس، هتي آهيان ڪير
سالم اهو سيرُ، ”سچل“ سڪ ڪرائيو.

---

# روايت [۳]

## سيد حيدر شاه جي بيتن ۾ چيل ڳالهه*

ڪنهن زماني ۾، ”هزارا“ شهر تـي هڪڙو رحمدل ۽ انصاف پسند بادشاه حڪومت ڪندو هو. امير توڙي غريب هن مان خوش ۽ راضي هئا. ڌڻي تعاليٰ هـن کي هر ڪا نعمت عطا ڪئي هئي. کيس چار پٽ هئا، جي پڻ نهايت سورهيه، سهڻا ۽ سچار هئا. انهن مان ”رانجهو“ ٻين کان سرس هو. جهڙو هو سهڻو تهڙو الله عقل عطا ڪيو هئس. انهيءَ ڪري پٽس جو به مٿس گهڻو راض هو.

هڪڙي ڏينهن رانجهو، پنهنجي محلات انـدر مهمانخاني ۾ ويٺو هو ته هڪڙو نهايت ڪمزور ۽ ضعيف مسافر اتي اچي نڪتو. رانجهو مسافر جو ضعيف حال ڏسي مٿس رحم کاڌو ۽ پنهنجي پر ۾ ويهاري پڇيائينس ته: اي مسافر! ڪر خبر، تو کي ڪهڙي ڳڻتيءَ ڳاريو آهي جو نه اٿئي ماس ۽ نه اٿئي رت. ڪهڙي تڪليف اٿئي، مونکي سڻاءِ، من ڪا تنهنجي واهر ڪريان! مسافر چيس ته: سائين! ويجهو اچ ته پنهنجي حال جي حقيقت ڏسيانءِ. اسان جي شهر ۾ ”هير“ نالي هڪ سهڻي نينگري رهي ٿي، ان جي حسن جي آءٌ ڪهڙي ڳالهه ڪريان! جهڙي سهڻي آهي، تهڙي ئي عقلوند. سندس اکيون هـرڻ جي اکين جهڙيون ۽ ڳچي هنجهه جي ڳچيءَ کان به سهڻي آهي. ڪلهه وقت سندس موتين جهڙا ڏند، سندس سهڻيءَ صورت تـــي، هيرن وانگر چمڪندا آهن. سچ نه پڇين رانجهو، ته آءٌ ائين چوندس ته هير جي سونهن اڏو سج به شرمسار آهي. آءٌ ته سندس هڪڙو ادنيٰ عاشق آهيان، پر مون کان وڏا سردار ۽ بادشاه به هن جي حسن تي حيران آهن. هير جي

---

* سيد حيدرشاه ولد مٺن شاه حيدرآباد شهر جو رهاڪو هو. هيءُ قصو ۱۲۹۰ع هه / ۱۸۷۳ع ۾ جوڙيائين. قصي جي آخر ۾ قصي جوڙڻ جو سنه هن شعر مان نڪري ٿو:

هير رانجهو واه جوڙيو آهه حيدر هن حقير
چئو ادا تاريخ ”آهي هيءَ ڪهاڻي بي‌نظير“.

# قصو هير رانجهي جو*

١- اول چئو الله، پوءِ قصو ڪن قرب جو
هئو هزاري، شهر ۾ هڪڙو بادشاهہ
عدل عدالت اڳرو، دولت جو درياهہ
سيڪو چئي وهواهہ، ڏسي شجاعت شاهہ جي.

٢- ڏسي شجاعت شاهہ جي، ٿيو ڪشمير قرار
پرور تنهن کي پٽ ڏنا، چوڪا ڪٺي چار
سهڻا سورهہ سپرين، وڏيءَ سرت سچار
اڙين جا آڌار، چارئي چوڪا چاڳلا.

٣- چارئي چوڪا چاڳلا، پر رانجهن رمزدار
سورهيہ سهڻو سپنيان، سچلو ۽ سچار
محب موچارو موڙنيان، محبتي منٺار
هو تان ٻيءَ جو آر، مٿس موڙني ڪان گهڻو.

٤- مٿس موڙني ڪان گهڻو، راجا سندو راض
نوڙت ۽ نماز، هوس علم عقل ڪان اڳرو.

٥- علم عقل جو اونگ هو، ۽ ڏين جو ڏاتار
مشفق مسڪينن تي، سندو مسافر يار
جڏن جي جيار، آڌر ڪري اڙين جي.

٦- آيو مسافر اوچتو، رانجهن وٽ مهماڻ
عالم عاقل سوگهڻو، محبت پريو ماڻ
پر ايرو اندامن ۾، هو سو نينهن نياڻ
رانجهن ڇهو مون ساڻ، ڪر حقيقت حال جي.

---

*ڇپيل ڪتاب "قصو هير رانجهي جو" ڇاپو پهريون، سنه ١٨٨٠ع، ڪمشنر پريس سنڌ، ڪراچي تان ورتل. هن قصي جو ٻيون ڇاپو سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشيل پريس ڪراچي ۾ سنه ١٩٠٢ع ۾ ڇپيو ۽ ٽيون (سرڪاري ڇاپو) البرٽ پرنٽنگ پريس سکر ۾ سنه ١٩١٥ع ۾ ڇپيو.

١٧- حڪم سائين حڪيم جي، جو قادر رب قهار
حاڪم هزاري شهر جو، لڌو دار قرار
رانجهن آيو روج ۾، ڏيئي پيشڙ بار
هڪ منجهان هزار، ورهه ويچاري ٿيو.

١٨- پرچانءَ ۾ پيءُ جي، سو زور ور جو زور
نڪو درد دل تي، نڪو هنئين تي هور
سڀڪو سلامي تنهن جو، نه ڪو شر نه شور
گهٽ ۾ پيس گهور، ته ڪيئن ڪريان
ڪاڏي وڃان؟

١٩- پر نينهن نهوڙي ڇڏيو، هر هر چوي هير
ويس حڪومت وسري، ٿيو طالب سچ سير
پرپٽ پرت پرين جي، چاڪ وڌس ۾ چير
ڪيڏ پيڙ تنهن وسريو، ڇڏيائين ڪنڊون ڪير
رت ورنو روئي گهڻو، منجهان آس اکير
نيڻين نديون نير، اندر آڳيون آڌميون.

٢٠- اندر آڳيون آڌميون، ٿيو مجازي وارو سچ
رڻ وٺي پٽ پيو، سو سونهارو سچ
"العشق ناريحرق ماسوي المعشوق" ڪوڙ ويو
سڀ ڪچ
هڪڙوڙائي جو ڦچ، پيون برهه باهيون پاريون.

٢١- برهه باهيون پاريون، چاهيون متيون چوڏار
هن جو حال ڏسي ڪري، پاڻ ڪئي پڪار
ته ڦري پيڙهي پيءُ جي، ڏڪي ڪريوس ڏار
ويهي اهي ويچار، ڪيا تنهي پاڻ ۾.

٢٢- ڪيا تنهي پاڻ ۾، لاهي لڙ ڇڏيائون
اچي هٿ ڪڏيائون، ملڪ، ميڙ ۾ پاءُ جي.

٢٣- عاشق آجلو مال، هنز ڪي ڏني هٿن سان

چئي : سلطت نه نهرجي مال مون، تيم حيراني حال
سندو قرب قال، وڃي نڪتو پاڻ سان.

٢٤- هليو هزاري شهر مان، پچي جهنگ سيال
رويو رڙيو پند ڪري، لڳس خوب خيال
وري واءُ وصال، ته سگها ملنم سپرين.

٢٥- سگها ملنم سپرين، محب متا منثار
ساريان، سڙان ٿو جن لئي، سي جانب جيءَ جيار
چناهه سندي ڪپ تي ٿيم غمگسار
سانئيم سي ستار، سگها ميڙينم سپرين.

٢٦- سگها ميڙينم سپرين، جنهن ڪيم نسنگ
پڌر جن پانڌاڻ سين، رنگو وجهي ونگ
پڻن پير پٿون ڪيا، ڦيريو رانجهن رنگ
ڏکن هينس ڏنگ، ته ته رانجهن راجا ملڪ جو.

٢٧- هو تان راجا مُلڪ جو، پر ڦري ٿيو فقير
ڏکن ڏيرو ڏبل ڪيو، حيرت ڪيو حقير
ڪيو عشق اسير، پڻن ۾ ٿو پند ڪري.

٢٨- پڻن ۾ پند ڪري، آيو ندي ڪنار
ماڙي محبوبن جي، ڏٺائين هن پار
مثل ڪي ساهه پيو، جاءِ ڏسي جنسار
ويهي ڪيئين ويچار، ته ڪنهن پر ملان پرينءَ ڪي.

٢٩- ڪشتي ڏٺائين قرب جي، بيٺل منجهه درياهه
اولا سندس عاج جا، موڙيو اچن ملاح
سڏ ڪري چيو شاهه، ته ناکئا! چاڙهه نذر ڪي.

٣٠- ناکئا! چاڙهه نذر ڪي، ته وڃي وٽ پرين
ويهي سگهان ڪينڪي، آءُ ريءَ عجيبن
هاديءَ لڳي "حيدر" چوي، نماڻا نيجن

آڏر ڪجي تن جي، جي ڦوڙائي ڦٽجن
مونکي محبوبن، سکيو سڄڻ ملاح! تـون.

٣١- چنڀي: ڪير آهين، ڪٿي وڃين، ڪهڙي
ڪرين بات؟
هيءَ پيڙي آهي هير جي، جا جهنگ سيالڪ ذات
ڏاڍو تنهن ڏڪار ٿيو، ات نه ٽڪج رات
هٿ ڪاني، گهڙو رات، ڪنهن گهٽي قرب سين.

٣٢- پڌندي ڳالهه ڳنڀير، ڪري پيو ڪـن ۾
لڙهي پيو لهرين ۾، جت سونڪا ڪري سير
پڏيو اپڙيو تار ۾، هـر هـر چوي هير
مهاڻـي ڪـي مهر پئي، آيـو وٽ امير
ترت ڪري تدبير، ڪڍيائين تنهن کي ڪـن مان.

٣٣- ڪڍي تنهن کي ڪن مان، پيڙيءَ تـي آيو
محبت ڏسي مير جـي، ناڪئي سـر نايو
پڏي هـٿ هيٺ سـان، اڳيان الايـو
ويهو خوشيءَ سين ڪٺ تي، گوندر غم لاهيو
ڪـانئو پيئو، خـوش ٿيو، ڪلو، ڳالهايو
پلي نچ آيئو، جيءَ جيءَ ويهو هن حوء ۾.

٣٤- چنڀي: ادا اچي اورهون، منهنجو حال سڻيج
ڪاڻ ڪاڻي نه آڇهي، مونکي معاف ڪريج
جيڪو ڏيانءِ منيهڙو، سو ايٺي پرين کي ڏيج
چوچڪ ڏيءَ چنيج، سائينءَ لڳي وڃي سيگهه ماڻ.

٣٥- تـه آهـو اڄ هيڪڙو نماڻو نـڌر
محبت جنهن کي مات ڪيو، اوهان جي اپر
وطن ڇـڏي ولات تي، آيـو انهنجي در
ملڻ لئي مشتاق سـو ويچارو ويتر

۴۲- ڪٿي آندائون پالڪي، ويٺي مجهس وار
اڇي سا امير، چُست ٻيڙيءَ تي چڙهي.

۴۳- جابر هي جوان، سٺل ڏنائين سچ تي
پوندي اک اُنهيءَ تي، ٿيس من مستان
لڳيس ٻڙڇي برهه جي، هيڻڙو ٿيس حيران
ڏمر لهي ويس ڏيل مان، قربون لڳس ڪان
ڳوڙها ڳڙيس ڳلن تي، ڏس پرور جا پرياڻ
اڳيان اچي ان ڪي، ڪيا سڏ سُڃاڻ
چئي: مٺل اڄ مستان! ڪيئن نند ڪرين ناز مان.

۴۴- پيس ڪن پڙلاءُ، عاشق اٿيو ننڊ مان
ڏٺئين منهن محبوب جو، گهُورن هنيس گهاءُ
عاشق ۽ مشعوق کي، صحبت ڏنو ساءُ
هو رانجهن وڏوراءُ، ٻر گهُور ٻهرين گهائيو.

۴۵- گهور ٻهرين گهائيو، ٿيس چت چريو
برهه باهيون ٻاريون، ٻارڻ ڪر ٻريو
نيڻين نديون نير جون، جهَر جهَر پون جهريو
چپن چپ ڏريو، تا ٻرين ٻچارين پاڻ ۾.

۴۶- چئي اٿي سرهو ٿيءُ، هل تہ هلون باغ ۾
ساجن سرو سڪ جو، مون سان گڏجي پيءُ
جانب! تولاءِ جيءُ، اندر ٿو اڌما ڪري.

۴۷- پرينئم پالڪي ۾، مون کي ويهه، اوڏو
ڏيئي گڏ گوڏو، ڪي سور ڳرهيون سڪ مان.

۴۸- هلي آيا باغ ۾، ڏٺي صورت جا سينگار
گلن گلزاريون لائيون، ڪڙيا ڪنٺهار
سبزن لاهون ساوڪون، ڪليا باغ بهار
چتُن ڪئي چونگار، بلبل ڳائڻ ڳائيا.

مينهون ڏيون تنهن کي، تنهنجي تيِن متار
چئي: وڃي هير هزار، ڏي ڳالهه تون تنهن کي.

٥٧- هلي آئي هير، پري پهر پرت مان
چئي: هي ويهه، هي مينهون، وٺ ورنهه
منهنجا وير
هي پيلا، هي ڀنيون، هي واهڙ هيءَ سير
محبت مان موون مير، چارج پهو چاڳلا.

٥٨. راتيان ڏينهان رانجهن ڏي، ايندي هير هٿي
سڻ سڻ ڳالهه سٽي، ته آهي هن پر حال ٿيو.

٥٩- سڻ سڻ پٺي شهر ۾، پڻ پڻ منجهه بازار
چئي چوچڪ سندي ڌيئڙي، وڃي وٺ مهار
ڪيڏو چاچو هير جو، تنهن پهو سماچار
پڇي پاچائيءَ کي، آتائين اظهار
ته وڃي هير ڳنوار، سينڌو ڪيو ٿئي پانهنجو.

٦٠- سڙي چوچڪ جوءِ، حال سڏايو هير کي
چئي: ههڙي بڇڙي ڳالهڙي، حيف تنهين کي هوءِ
چئي: ناهه لاهين تي پنهنجو، ڪيي ڪٿان امڙ موءِ
چئي: چاچهين آيو چوءِ، سڻ ته سٽائين ڳالهڙي.

٦١- تڏهن ويچاريءَ وريا، بلڪل بهانا
نيو نيزاريون ڪري، پيا جال پري جانا
چئي: تنور هٺدم طعنا، نه تم مادر! ڏيک
ڏيکج تون.

٦٢- چئي: پڏي مرين شال! تون هڏي ٿي وڃين هر
تون سچهن ڪايو ڪير، ڪلين ڪڏين کر سين.

٦٣- چئي: مٺيس چئوم ماءُ، ڪر منهنجي مير کي
وڙهين گيرين مون سين، ونين نرمل نانءُ
آهي جيءُ جڙاءُ، سو دلبر منهنجي دل هو.

٦٤ چئي: آئيل، ايءَ اسان جو، نياڻي! ناهه نيم
ڪنو ڪيئي ڪڙم کي، ڪڇو ڪري ڪم
ڇڙيو تنهنجو چت ڪيو، بدوءِ ٻڏي ڪو ٻم
پي لڄايئي پنهنجو، جنهن جو شاهي دم
اٿئي ڏاڍو ڏمر جو، جابر جهڙو جم
هڏ پڃنديءَ هير ڙي، ڇيري ڪيڏنئي ڇم
رکي خوف خدا جو، ڪني ڪڻ قدم
نينگر! ڪي تون نم، مڃي منٿ ماءُ جي.

٦٥- چئي: امڙ! جا تون آڇين نوبهه جي تدبير
سا سچهن آهي سڳري، پر هنئيون هٿ نه هير
متيون منجهايون منهنجيون، قضا رب قدير
لکيو لوح قلم جو، ورسائي ٿو وير
پڙهيا توڙي پير، مڙئي محتاج ڏٺي جا.

٦٦- سڙي ماڻس سور ۾، وهلو سڏيو ور
چئي: ميان! مڻاسون، لڄ ويئي، ڦٽو پنهنجو گهر
هاڃو پوي هير کي، جنهن ڪوليءَ ڪنيو ڪر
چئي: ماءُ وڃي تون مر، آءٌ رانجهوءَ سندي آهيان.

٦٧- سڻي پيو سور، ڇوڇڪ سندي چت ۾
ڪاڻي پچي هير ڏي، وڌائين ڏاڍو گهور
پيس اهو پور، ته ماري ڇڏيان مئي کي.

٦٨- ماري ڇڏيان مئيءَ کي، تـــه رهي لڄ ڀرم
پر پيس خوف الله جو، ٿيو نـــماڻو نرم
چيائين: ڌيءَ! شرم، آڻي ڪونه الله کان.

٦٩- آيوهه ڪون الله کان، ڇوري! ڪو شرم
ڪو ٿان ولبهي ڪڙم جـو، م چائي مرم
ٿيندءِ ڏوهياڻي ڏاتـــر جي، ويندي دين ڌرم
ڪچو ٿيئي ڪرم، نه تم هنين ته اهڙي ڪئنڪي.

قيد ڪيائون هير کي، جت اونداهو اپار
اپر عاشقن سين، ايذو ٿيو انذار
هت روئي رانجهن رج ڪ، هت هير ڪيو آزار
"حيدر" هنجهون هار، پسي حال هنين جو.

۷۷- پسي حال هنين جو، روئجي راتو ڏينهن
هاڃو ٿيو هنن سان، جي نهوڙيا پئي نينهن
سندا محبت مينهن، ويچارن وسائيا.

۷۸- ويچارن وسائيا، برهه جا باران
بادل برسي آئيا، سارنگ ڪيا سامان
وڄون جي ورهه جون، سي جهلڪا ڪن جولان
گوندر گوڙيون لائيون، گڙ گڙ ڪن گهمسان
"حيدر" ٿيا حيران، پسي عالم ان کي.

۷۹- رانجهن رويو پٽ پوي، چئي اڄ نه آئي هير
ساريو تنهن سڄڻ کي، نيڻ وهايان نير
ڏيندي متيون مون هئي، ترت ڪيو تدبير
چئي سور لڪائڻ سڄڻا، متان مور ڪ سڻن مير
جيڪس جانب جهليا، ڪنهن زوراور زنجير
ڦوڙائي جا فقير کي چوچڪ وڏا چير
داور دستگير، واهر ڪر ولهن جي.

۸۰- واهر ڪر ولهن جي، صاحب رب سچا
تون لائق لطفن پريو، منهنجا ڪرت ڪچا
مون ڇڏيو ملڪ پنهنجو ۽ پيو بار بچا
هتي پيو هيڻن ٿيو، متي ڏوم ڏچا
هن هنيل جي هچا، شال م ڪڙڪي ڪنهن تي.

۸۱- جو چوي سورن سانئي، سو عجب نه آئيو
پرهه پرين اچڻا، متان ڏسي ورانئي
وهه تي مونکي وانئي، هت ڪيئن ڪٽيان هير ري.

٨٢- ڪريو ٽير ھڪل، ڪريو ٻوڙي ٻٽ ۾
ھٿي ھٿي ھاڃو ھي ٿيو، جيئن ٽيم پرين ڪان پل
ھڪ ڪيئي ٻار پرين جا، ٻي اڪين آب اڇل
جھنگ سيالن جھل، ڪٿي رانجھن جي رھاڻ ڪان.

٨٣- رانجھن جي رھاڻ، ڏل سانئيم! تون سيکھي ڪرين
جنھن لئي ٻيو پار ڪيان، سو مولي! مون وٽ آڻ
نہ تہ اڄ ڪي منجھہ سياڻ، مرندس انھيءَ ماڳہ ۾

٨٤- دانھون ڪيئين درد مان، چڙھيون چوڪ چٽ
ٻيئي ڪھل قريب ڪي، ترتئون آيو تت
ڏسي حال ڏکيءَ جو، ويس ماھ سرت
ڪنجي نہ ھيس قفل جي، ٻيگئين ٻيري ٻت
روئي چيائين قرب مان، چئي ھاڻ نہ ويھہ، تون ھت
امڙ! تو ڪي ات، ڪيم قيد ڪھر مان.

٨٥- نرمل نڪري نر مان، ڪيو ڪاج تيار
ھيجان ھلي حبيب ڏي، ڪري ھار سينگار
ٻٽ ۾ ٻيل سو ڏٺئين، جانب جيءَ جيار
اچي تنھن عجيب ڪي، ڪيئن پرت مان پيار
چئي: اٺي آڌر منھنجا، تون محب مٺا منٺار
ور تون دلبر دل جو، ڪٿہ سجوڻي منسار
تون آڳانيو آڌار، جانب! منھنجي جيءَ جو.

٨٦- ٻس ڪن پڙلاء، مشفق تنھن معشوق جو
ڪچھ قريبن جو، ڏنس سونھارو ساھ
جان نھاري نيڻ ڪٿي، تان ڪھورن ھنيس ڪھاء
عجيبن آھاءُ، ٻسي اچت انيو.

٨٧- اچت آئي آٻو، اچت ڏٺئين ڪاج
سريو سيوئي ڪاج، جانب ڪڏيا جيئري.

٨٨- جانب ملايا جيئري، صاحب ڏٺيءَ سبحان

۹۸- چئي: پنڙا اهو ڳهوريو، اوهين ڏسو پيو يار
سهڻو، سورهيه، سڱڙو نائي نسبدار
جو هيڇي هيئين هير جي موچارو مٺار
ته آسان تان آزار، وڃي هن ويچار جو.

۹۹- سارهه جڳائي سائينءَ کي، جنهن جا عجب آٿ
قدرتون گلنار جون پسيو منجهي مَت
بلبل ڏيکاري پنهنجي، حڪمت جي هلت
جا چوچڪ پٽن چِت، سا پڻ پٺي ڏِسڻي.

۱۰۰- مڱي موڪل هليا، ڇڏيئون جهنگ سيال
مڙني پيو من ۾ کيڙي جو خيال
جو نرمل 'نورنگ پور' جو حاڪم چڱي حال
پٽس خوب خصال، نورنگ نالي نامڪيو.

۱۰۱- ويا نورنگ پور ۾ چارئي ناليدار
ڪامي ڪچهريءَ آئيا، کيڙي ڪين ڪينڪار
چئي: يلي ڪري آيئو سيالن سردار
مون سان مٺي ٿي وهو مڙيئي موچار
ڪم ڪهڙي آيئو، مون وٽ مرد مٺيار
آهو ڪريو اِظهار، مقصد پنهجي من جو.

۱۰۲- کيڙي مين خلوت ۾، ميڙئي سماچار
ڪيائون قرب مان وهم ڇڏي ويچار
چئي: آهه اسانجي عاجزه، سٽي شرمدار
تنهن جي سڱ ڪان سيالن ۾، اچيئون ٿو عار
جيئن اسين اعلىٰ مرتبي، هو سڀ تابعدار
پيو مَت اسان جو نام ڪو، تو بنان تڪرار
اهو قول قرار، ڪرڻ آيا آهيون.

۱۰۳- کيڙي آت خوشيءَ مان، ڪيا شڪرانا سوَ وار
ڪيائين گهڻيون ڪرنشون، بيحد بيشمار

چئي: اوهين اسان جا آهيو، بيشڪ پليرا پار(۱)
وڏو وڙ اسان سان ڪيو قربدار
پيئي مبارڪ ملڪ ۾، خوشيءَ جي خنڪار
هلي هر ڪنهن هنڌ ويئي، ڳمس پنڌ هيءَ گفتار
ته نورنگ ٿيو نروار، ناني ڇوچڪ خان جو.

۱۰۴- نوڪر سڀ نوازيا، مسڪينن ڪيا سو
طرحين طرحين طعام پڪا، بکين ٿيا ڍو
قيدي ڪڍيائون قيد مان، لٿيون پاڪارون پيو
شاديون ٿيون شهر ۾، وڌيون تابشون ۽ توَ
ڇڪاٺو ڇيڙي هليا، هنڌ نه گذري هوَ
ويهون وڳا قيمتي، مٿن روپي روَ
ٻيا سونا زيور سوَ، جڙيل سان جواهرن.

۱۰۵- رسيا جهنگ سيال ۾، اچي جابر سي جوان
نوڙت ۽ نياز سين گڏيا ڇوچڪ خان
ڇوچڪ چيو سيني اچو مهربان!
سرها سڀ سيال ٿيا، ملي شاديون شان
سيڌا ۽ سامان، حاضر ڪيائون هوَ ۾.

۱۰۶- حاضر ڪري هوَ ۾، جوڙيئون ترت طعام
ڪاٺي ڪاچ خوشيءَ مان، ڪيئون شاديءَ جو انجام
نورنگ وڏي نام، مڱڻو ڪري موٽيو.

۱۰۷- مڱڻو ڪري موٽيو، رکيو ڳالهين ڳچ
سو سڀوئي سچ، جو لکيو لوح قلم ۾.

۱۰۸- ڇوچڪ چيو زال کي: چئي: ڪٺي سڀ سامان
رکو اکيان هير جي، ته مرڪي مثل مانَ
ونئي تنهنجو ور ٿيو، والي وڏي شان
ڪپڙا ڏيک قرب مان، مچ آڪي جا احسان

---

(۱) پار = پاٿر

١٢٤- سرهو ٿيو سرير ۾، وڃس ڏنجهو ڏک
ويو سور سنڌو ڪري، لڳس مرڪڻ مک
سپيڻي ٿيو سک، وريو وير وڻاڻ تي.

١٢٥- امر ساڻ الله جي، جو چاڙي پنهنجو چاڻ
آڳي جي اسرار ڪاڻ، عالم سڀ اڄاڻ
نرتئون پوري تت تي، جا ٻڌل سيالن ساڻ
خوشيون ڪيڙن ۾ ٿيون، وهوه ٿيو وچاڻ
هت ڏمرن ڪيو ڏانڊاڻ، هت جهڳ مڳ
جهنگ سيال ۾.

١٢٦- جهڳ مڳ جهنگ سيال ۾، سنبهي ڪي سردار
چاڙهي آيا چام جا، چناه ڪي چوڏار
گهوڙن جو گهمسان ٿيو، حشر ڪيو هڪار
لکين پيادا آئيا، پيا هاٿين تي هسوار
طنبو ڪتا تسرت ۾، ٿيا چڱن ۾ چڪار
واڄٽ واڄا وڄيا، دهلن ڪيا ڏمڪار
نچيا، پٽنبيا ناز مان، چيرين ڪيا چمڪار
لک لنگهن ڪي مليا، مرڪيا مگڻهار
ساز وڄايئون سارنگيون، پياڏونڪن ڪيا ڏمڪار
اوتن عطر عنبير جي، هنڌ هنڌ ڪيا هبڪار
نورنگ ڪيا نروار، لکين تماشا لوڪ ۾.

١٢٧- لکين تماشا لوڪ ۾، نورنگ ڪيا نروار
ڪيا چوچڪ خان جي، بئين آوج آهار
ٻهون ڪئيون ڪريون، سيڌن ڪانهي سار
بيحد آيا بورچي رنڌڻ جا هوشيار
ڪوڙين هٿا ڪونجڙا، سندي ڪمين قطار
ٻهون ٻوڙ پلاو ٿيا، ڪيون عميرليون سردار
ديگين ۾ دم - پخت هٿا، ڪيا چاشني چشڪار
چٽ پٽ جڙيون چٽنيون، مربا ۽ آچار

جوڳي ٿي منجھہ رنگپور رھو، در در ٻيک ٻڪاري ھئي
سين سجائي ساجن سندي، دل ۾ باغ بھاري ھئي
ڀلا ڀانئي، خوب خلاصي، سھڄئون سيج سينگاري ھئي
راتو واھ پئي ويا نڪري، سٽن مار نہ ساري ھئي
پرھ نھاري پيرن پنيان، پيئي خلق چوڌاري ھئي
پھچي پنڌ ۾ پيادا پڪڙي، ڪئي تن قيامت ڪاري ھئي
قاضي ڪوٺي ڪاڻ عدالت ساري خلق ٻيھاري ھئي
ھيڙي آئي سير آتي، تنھن ۾ ھير وھاري ھئي
ربّ رضا سان جتر تي ھيڙي ھلي ھير اوياري ھئي
آئي بيٺي عاشق اڳيان، ڏاتر جنھن کي ڏياري ھئي
سچا عاشق سچن سان، تارڻ واري تاري ھئي
ملي عشاقن شير محمد، ڪلمي وائي واري ھئي .

POPULAR FOLK STORIES

# SORATH-RAO DIYACH
&
# HIR-RANJHO


Compiled & Edited

by

N. A. BALOCH

M.A., LL.B. (Alig.), M.A., Ed. D. (Columbia)

Director, Sindhi Folklore and Literature Project.



SINDHI ADABI BOARD

HYDERABAD SIND

PAKISTAN

1976

## PREFACE

This is the thirty-eighth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore & Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on this Project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far, 32 volumes have been published and this is the thirty-third of the forty volumes proposed to be published under this Project.

This book belongs to the series of volumes pertaining to the most popular and time-honoured folk stories which have captured the imagination of the people of the Lower Indus Valley of Sind for more than one thousand years. Of the ten volumes in this series, seven (Books 29 to 35) are devoted to the stories of love and romance; one (Book 36) recounts the story of personal valour and the inventive technique by which the hero killed a sea monster by diving deep in a specially built "Glass-Capsule"; one more (No. 37) recounts the story of a village girl who resists the overtures of king and the temptation to rule as a queen in the palace and prefers to live in the simple rural environment with her village folk; and this volume covers two stories, one of a munificent chief who sacrificed his life at the altar of music and the other of the two lovers who defied the custom and stood by each other to the very last.

### SORATH—RAO DIYACH

Through field research, a number of versions of this story, current in oral tradition, were recorded, and these reveal at least six main versions[1] from the point of the more significant

1. Text, pp. 43,77,104,124,132 & 145.

differences in details. It would appear that two entirely different stories—the one of *Sorath & Rao Diyach* and the other of *Sorath & Binjho*—were mixed up in the oral lore because of the common name of Sorath (the heroine) in them, thus giving birth to other mixed versions of the story. Also the story of *Ranak Devi & Rao Khanghar* current in the Nagarparkar area of Sind[1] is a distinct story though with parallels in the names of Rao Khanghar and Bijal.

Rao Khanghar, also known as Rao Diyāch, of the Chora Samma dynasty was the powerful ruler of Junagadh. Sorath was the beautiful maid born of a miracle wrought by the wandering saints, in the house of Raja Bhoj of Sankaldip (or Ambal Des), but was brought up by a potter named Ratan (or Pall). She was given in marriage to one Raja Ani Rao (of Ajmer). The marriage ceremonies were held in his absentia, and as the bride was being taken to her prospective husband, Rao Khanghar intercepted the procession and married Sorath who then became devotedly attached to him.

In vengeance, Ani Rao attacked Junagadh but found himself helpless due to the invincibility of Rao Khanghar's stronghold, the fort of 'Upper-Kote'. To avenge the insult, he planned to take advantage of Rao Khanghar's known personal weakness, viz. his munificence and magnanimity not to refuse anything that was demanded of him by the traditional bards and his devotion to music.

There was a wandering bard, a Charan by caste named Bijal, who had incidentally come across the intestines of an animal in the bush, which on being moved by the wind were producing sweet superb music, enchanting even the animals of the bush. He took gut strings of the entrails for his stringed instrument — remembered differently as *Kamāch*, *Keenaro*, *Chang*, *Surando* or *Tunbo* (a sort of lute, guitar or tanbur) — and soon became known for the power of music that he played on it.

---

1. Text, p. 132.

Now, Ani Rao sent his men who tempted Bijal's wife to accept a rich reward on the condition that she would persuade her husband to use the power of his superb music with Rao Diyach, influence him to give anything that Bijal asked for, and then insist upon Rao Khanghar to demonstrate his traditional generosity and give him his own head as a reward.

When Bijal came home, he was informed by his wife that she had accepted the deal at the risk of their lives. So, there was no choice left for him but to accomplish the mission. Also it was a challenge to his art and he determined to meet it.

Bijal then set out for Junagadh, and on reaching the gates of the fort, he took out his instrument and sat down to play upon it with all the talent and technique at his command. The news spread around that a great musician had arrived, and soon the whole city fell under the spell of his powerful tunes. Rao Khanghar invited him up in the fort, listened to him with admiration and offered to give him anything he asked for.

Bijal: I am no beggar, oh Sire! Hearing of your proverbial generosity, I have travelled a long distance to seek something which no one else could give.

Diyach: You will get anything you want.

Bijal: Your head, Oh generous Sire!

Diyach: I wish I had a thousand of heads on my shoulders so that I could cut one by one as a tribute to each one of your sweet tunes! Alas! I have but only one head which is hardly worth anything. Please consider again if this empty head will be of any use to you!

Bijal: I will have nothing else but your head, Sir!

Diyach: Then, you will have it.

When Sorath came to know of it, she pleaded with Bijal not to deprive her of her dear husband. She begged him to ask for anthing else—horses, elephants, silver, gold, everything and all that they possessed, but spare her husband's life.

Bijal did not yield. Then at the appointed time, Rao Diyach cut his head to him. Bijal took it to Ani Rao who

was much pleased, but he also hated Bijal for his cruelty. Sorath proclaimed that she would become a Satti and prepared to burn herself. Bijal and his wife repented and rushed to Junagadh to join Sorath in her mourning. When they arrived, the fire was already lit with Sorath sitting on the *Dāgh*. As the flames rose, conscience stricken Bijal jumped into the fire followed by his wife who also became a *satti* with him.

In the local cultural context, the *key points of impact* of this story are as follows:

— Bijal's discovery of the gut strings, and the power of his music.

— Rao Diyach's willingness to reward Bijal with his own head.

— Sorath's pleadings and entreaties with Bijal to take everything else but to spare the life of her loving husband.

— Rao Diyach's unexcelled munificence and his complete identification with the spirit of music—a spiritual communion with the divine.

## HIR—RANJHO

It is a well-known love story of the present Jhang and the Muzaffargarh Districts of the Punjab, which became popular both in the Punjab and Sind. The early account of the story by Dāmodar of Jhang (1512 A.D.), who claimed to have witnessed the events of the story himself, and the Persian Masnavi composed by the poet Baqi (1580-1605 A.D.),[1] would indicate that the romance had originated earlier (before 1512 A.D.) and became well-known during the reign of Akbar (d. 1605) to have become a theme for poetic compositions.

1. The manuscript preserved in the National Museum, Pakistan, Karachi, and noticed for the first time by the late Hafiz Hoshiarpuri in his detailed and valuable Introduction to *Masnaviyyat-i-Hir-wa-Ranjha* (composed by the poets of Sind during 1776-1876), published by the Sindhi Adabi Board, Karachi/Hyderabad, 1957, pp. 31-35.

Most of the poets who versified the romance in Persian, belonged either to the Punjab or Sind. It was during the reign of the Kalhoras and the Talpurs that the following works were composed in Persian in Sind:

1. *Mahabbat-Namah*, a work in stylistic (rhythmic) prose, by the poet Shevakram of Thatta (1771-1776 A.D.).
2. *Masnavi Hir-wa-Ranjha*, composed by Azimuddin of Thatta in 1214 H/1799.
3. *Masnavi Hir-wa-Ranjha*, composed by Ziauddin 'Zia' of Thatta in 1215 H/1800.
4. *Masnavi Hir-wa-Ranjha*, composed by Munshi Saheb Rao 'Azad' (1801-1811).
5. *Masnavi of Hir-wa-Ranjha*, composed by Nawwab Wali Muhammad Khan Leghari 'Wali' (1811-1820).
6. The romance versified in a long Qit'ah by Qadir Bakhsh 'Bedil' in 1876.

In the native languages, 'Hir' composed by Waris Shah (1180 H/1776) in Punjabi gained wide popularity. His version translated into English by C.F. Usborne sometime before August 1917, has been recently published.[1]

A number of poets have composed verses in Seraiki, which (in its 'Jhangwali' dialect) was the mother tongue of Hir herself, but a complete version of the romance in Seraiki has not yet come to light. The *Si-Harfis* (thirty stanzas each commencing with one of the thirty letters of the alphabet), composed in Seraiki by the two renowned poets of Sind, Khalifo Nabi Bakhsh Leghari and Hamal Khan Leghari,[2] stand unexcelled thus far. In Sindhi, the romance was composed in the *bait*

---

1. *The Adventures of Hir & Ranjha*, a translation, into English prose by C.F. Usborne, edited by Mumtaz Hasan, Lion Art Press Ltd., Karachi, 1966.
2. In the two works, *Khalif-e-Nabi Bakhsh jo Risalo* and *Kulliyat Hamal*, published by the Sindhi Adabi Board, Hyderabad Sind, in 1953 and 1966 respectively.

poems by Haider Shah in 1290/1873.[1] In Sind, the story also came to be recited in the artistic form of narration by the wandering bards and minstrels. One version in this form which was recorded from the talented bard Maula Bakhsh of Hyderabad district has been included in this volume.[2]

Hyderabad Sind.
15th February, 1976.

*N.A. Baloch*
Director

---

1. Text, pp. 181-221.
2. Text, pp. 152-176.